PPRS
Promoting Private Schooling in Rural Sindh

# Get Ahead Sindhi 1



January, 2015

لرننگ سپورٽ يونٽ
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

شرڪت ڪندڙن لاءِ ڪتابچو

## فهرست


تعارف ........................................ 3

اکر کان لفظ جو تعارف ........................................ 4

اکر - ا ........................................ 5

اکر - ب ........................................ 7

اکر - ٻ ........................................ 01

اکر - ڀ ........................................ 01

اکر - ت ........................................ 04

اکر - ٿ ........................................ 06

اکر - ٽ ........................................ 08

اکر - ٺ ........................................ 10

اکر - ث ........................................ 12

اکر - پ ........................................ 14

اکر - ج ........................................ 16

اکر - ڄ ........................................ 18

اکر - جھ ........................................ 20

اکر - ڃ ........................................ 22

اکر - چ ........................................ 24

اکر - ڇ ........................................ 26

اکر - ح ........................................ 28

اکر - خ ........................................ 30

اکر - د ........................................ 32

اکر - ڌ ........................................ 34

اکر - ڏ ........................................ 36

اکر - ڊ ........................................ 38

اکر - ڍ ........................................ 40

اکر – ذ ........................................ 42

اکر - ر ........................................ 44

اکر - ڙ ........................................ 46

اکر - ز ........................................ 48

اکر – س 50
اکر – ش 52
اکر – ص 55
اکر – ض 57
اکر – ط 61
اکر – ظ 61
اکر – ع 63
اکر – غ 65
اکر – ف 67
اکر – ڦ 71
اکر – ق 71
اکر – ڪ 73
اکر – ک 75
اکر – گ 77
اکر – ڳ 81
اکر – گهه 81
اکر – ڱ 83
اکر – ل 85
اکر – م 87
اکر – ن 011
اکر – ڻ 011
اکر – و 013
اکر – ه 015
اکر – ئ – ء 017
اکر – ي 001
ڪليدي لفظ هيءَ، هو، آهي جو تعارف 002

# تعارف

هي تربيتي ڪتابچو پهرين درجو پڙهائيندڙ اُستادن لاءِ ترتيب ڏنو ويو آهي. هن تربيتي ڪتابچي کي ناهڻ لاءِ سنڌي درجي پهرين جي آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي ڪتاب کي مدِنظر رکي ناهيو ويو آهي. معياري تعليم جي حصول لاءِ هي تربيتي ڪتابچو شاگردن کي وڌيڪ بهتر نموني سان ڪلاس اندر پڙهائڻ لاءِ مختلف طريقن ۽ رٿابندين Strategies تي مشتمل آهي، جيڪي هي آهن:

1. Brainstorming **برين اسٽارمنگ**
2. New Words **نوان لفظ**
3. Classroom Activities **ڪلاس جي ڪمري جون سرگرميون**
4. Reading **پڙهڻ**
5. Writing **لکڻ**
6. Assessment **جائزو**

مطلب تہ سنڌي درجي پهرين جي ڪتاب ۾ ڄاڻايل هر اکر انهن ڇهن ئي رٿابندين Strategies جي مختلف سرگرمين تي مشتمل آهي. هن تربيتي ڪتابچي کي هڪ Lesson Plan وانگر ناهيو ويو آهي، جيڪو سنڌي"**الف بي**" جي پٽي جي"41 **اکرن**" تي مشتمل آهي. پهرين درجي جي شاگردن جي دلچسپي کي مدِ نظر رکندي هي تربيتي ڪتابچو مختلف سرگرمين جيئن: ڪهاڻيون، بيت، ڳُجهارتون، آرٽ ۽ ڪرافٽ، رانديون ۽ ڊرائنگ وغيره تي مشتمل آهي. هن تربيتي ڪتابچي کي ترتيب ڏيڻ دوران ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو ويو آهي تہ شاگرد مختلف سرگرميون ڪرڻ دوران پنهنجون پنج ئي حِسون (ڏِسڻ، ٻُڌڻ، سِنگهڻ، چَکڻ ۽ محسوس ڪرڻ) استعمال ڪندي مختلف ۽ نون طريقن تحت مزيدار سرگرميون ڪندي سکن. هن تربيتي ڪتابچي جي مدد سان اُستاد شاگردن جون گهڻ رخي صلاحيتون استعمال ڪرائيندي شاگردن ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جون مُهارتون پيدا ڪري سگهندو.

اِن کان علاوه هي ڪتابچو PPRS جي اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ اُستادن جي پڻ اِن انداز سان تربيت ڪرڻ ۾ معاونت ڪندو جو پنتي پيل علائقن ۾ موجود اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ اُستادن ۾ گهڻ رخيون قابليتون پيدا ٿينديون ۽ هو اِن ڳالهہ ۾ مُهارت پڻ حاصل ڪندا تہ شاگردن کي مختلف سرگرميون ڪرائيندي ۽ مخلتف طريقن سان پڙهائيندي ڪيئن بهتر کان بهتر انداز ۾ پِڙُ ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪيئن هڪ اسڪول ۾ پڙهائڻ جو اهڙو ماحول جوڙيو وڃي ، جنهن جي مدد سان هڪ شاگرد جو نہ صرف پڙهڻ سان شوق قائم رهي ۽ وڌي پر اُن سان گڏوگڏ هو هِن سماج جو هڪ ڪارآمد فرد پڻ بڻجي سگهي.

# اکر کان لفظ جو تعارف

## اکر:

ٻوليءَ جو بنيادي ايڪو **"اکر يا حرف"** هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا"41 **اکر**" آهن. انهن اکرن ۾ ڪجهه عربي ته ڪجهه سنسڪرت ٻوليءَ مان ورتل آهن. عربي ۽ فارسي دستور موجب انهن"**ا لف بي جي اکرن کي حروفِ تهجي يا آملا**"سڏيندا آهن. حرف جي لفظي معنيٰ **"ڪنارو يا طرف، يعني لفظ جو تمام ننڍو حصويا ڳُنڍ**" آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اکر جي مڪمل تصوير کي سمجهڻ لاءِ کي هيٺ ڏنل ترتيب کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي.

## اکر جي اڌ شڪل:

**"ٻـ"**

سنڌي ٻوليءَ جي حروفِ تهجي جي ڪافي اکرن کي هڪ لفظ ۾ لکڻ دوران مٿي ڏنل اڌ شڪل جي صورت ۾ پڻ لکبو آهي. انهيءَ کي اکر جي اڌ شڪل چوڻ سان گڏوگڏ اکر جي آواز طور به سڃاتو ويندو آهي ، جيئن مٿي ڏنل اکر کي **"ٻـَ"** پڙهبو.

## اکر جي مڪمل شڪل:

**"ٻ"**

هي سنڌي ٻوليءَ جي حروفِ تهجيءَ جي اکر جي مڪمل شڪل آهي. جيڪا پڻ لکڻ دوران ڪڏهن مڪمل ته ڪڏهن اڌ اکر جي صورت ۾ استعمال ٿيندي آهي.

## اکر جو نالو:

**"ٻي"**

هي سنڌي ٻوليءَ جي حروفِ تهجيءَ جي اکر جو نالو آهي، جيڪو عام طور تي اسان پڙهندا آهيون.

## پد:

**"پد"** ٻن اکرن يا آوازن جي ميڙ کي چئبو آهي. **"پد"** ۾ به اکر گڏجي هڪ آواز ٺاهيندا آهن، پر **"پد"**جي ڪا معنيٰ ناهي هوندي ، جيئن: **"با، جا، ها"**وغيره وغيره. هتي **"بـ ۽ ا"** ملي **"با"** جو آواز ٺاهيو ۽ ٻن اکرن سان ملي ڪري اِهو لفظ ٺهيو. پر اسان ڏسي سگهون ٿا ته **"با"**جي ڪا معنيٰ ڪونهي، انهيءَ ڪري **"با"** کي لفظ بدران **"پد"**سڏيو ويندو آهي. مختلف **"پد"** پاڻ ۾ ملي مختلف لفظ ٺاهيندا آهن. جيئن: **"با + با = بابا"**.

## لفظ:

مختلف**"اکر"** گڏجي هڪ**"لفظ"** ٺاهيندا آهن ۽ **"لفظن جي معنيٰ يا ترتيب سان جملا"** ٺهندا آهن. **"لفظ"**عام طور سان ٻن قسمن جا هوندا آهن: **"مفرد ۽ مرڪب"** سنڌي **"الف بي"** کي پڙهندي هي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته هيٺ ڏنل اکرن سان سنڌي جو ڪو به لفظ شروع ناهي ٿيندو، اُهي اکر ڪنهن به لفظ جي وچ يا آخر ۾ ايندا آهن:

**ڃ ڙ ڱ ڻ ء**

مٿي بيان ڪيل اکرن مان ٺهندڙ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:


**ڄڃ ماڙي سڱ وڻ ائٽ**

# اکر – ا

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل ”**ڳُجهارت**“ ڏئي، اِن جو جواب پُڇندو. اِن ”**ڳُجهارت**“ جي ذريعي شاگردن کي ”**اکر – ا**“ کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي:

### ”ڳُجهارت“



مان هڪ ميوو آهيان،
ڪڏهن کٽو ته ڪڏهن مٺو آهيان،
گرمين ۾ مان پچندو آهيان،
رنگ جو مان ڦِڪو آهيان،
ٻارن جو ڏاڍو پسنديده آهيان،
ميون جو مان بادشاهه آهيان،
ٻارو ٻڌايو مان ڪير آهيان؟

جڏهن شاگرد ڳُجهارت ٻجي وٺندا ته پوءِ اُستاد شاگردن کي انب جي تصوير ڏيکاريندو ۽ شاگردن کان انهن جي پسنديده ميون متعلق پڇندو.



ا

## نوان لفظ:

اُستاد ”ا“سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو . اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| انب | اسڪول | اُستاد | امڙ | امان | ادا | انگور | اُٺ | اک | امبر |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد ”ا“ جي لفظن جون شڪليون ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: آئون ”ا“ سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.


## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### اسڪول جو سير

اُستاد شاگردن کي گروپن جي شڪل ۾ پنهنجي اسڪول جو سير ڪرائيندو. اسڪول جي انتظاميہ: (پرنسپال، ٽيچرس)، مختلف جايون: (اسيمبلي جي جَڳهہ، گهنڊ، مختلف ڪلاس، پرنسپال جي آفيس، شيءِ وٺڻ جي جڳهہ) وغيره ڏيکاريندو ۽ اسڪول جي انتظاميہ جي ڪمن ۽ مختلف جاين جي استعمال بابت ٻڌائيندو. اسڪول جي سير کان ڪلاس واپس موٽڻ تي اُستاد شاگردن کي پنهنجي پنهنجي گروپ جي ساٿين سان گڏ ويهڻ لاءِ چوندو ۽ اسڪول جي سير متعلق هيٺيان سوال ڪندو:




- توهان کي اسڪول جو سير ڪيئن لڳو؟
- اسڪول جي سير دوران توهان ڪنهن ڪنهن سان مليا؟
- اسڪول جي سير دوران توهان ڪهڙيون شيون ڏٺيون؟
- اسيمبلي ڇا جي لاءِ ڪرائبي آهي؟
- گهنڊ ڪهڙي ڪهڙي وقت وڄندو آهي؟
- گهنڊ جو آواز ڪيئن هوندو آهي؟
- اسڪول جون ڪهڙيون شيون اوهان کي وڌيڪ سُٺيون لڳيون؟
- اوهان اسڪول جو سير ڪندي ڪهڙيون شيون ڏٺيون جيڪي "ا" سان شروع ٿين ٿيون؟ وغيره وغيره

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ا" سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. هِن طريقي تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

اُستاد بورڊ تي "ا" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ا + ن + ب = انب**

اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ا" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُن کانپوءِ اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد بورڊ تي الڳ الڳ ڪري نامڪمل لفظ لکندو ۽ انهن جي هيٺان مڪمل لفظ لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو کُٽل اکر مڪمل ڪن ، جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| .1 ____ن ب | .2 ا س ____ و ل | .3 ا ____ ت ا د |
| انب | اسڪول | اُستاد |



# اکر – ب

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل پزل گيم ڪرائيندو جيڪا "**اکر – ب**" کي سمجھڻ ۾ مدد فراهم ڪندي:

## پزل گيم

اُستاد بدڪ جي هڪ تصوير هٿ ڪندو ۽ پوءِ اُن تصوير کي مختلف حصن ۾ ڪٽيندو. هر هڪ حصي کي شاگردن کي ڏيکاري اُن متعلق سوال ڪندو تہ اِهو بدڪ جو ڪھڙو حصو آهي؟ شاگردن جي جواب ڏيڻ کانپوءِ اُستاد اُن حصي کي بورڊ تي لڳائيندو ويندو. اهڙي طرح آهستي آهستي اُستاد بدڪ جي تصوير مڪمل ڪندو. بدڪ جي تصوير مڪمل ٿيڻ تي اُستاد بدڪ بابت شاگردن کان ڪجھ سوال پڇندو جھڙوڪ:

- بدڪ جو رنگ ڪھڙو آهي؟
- ڇا بدڪ اُڏامي سگھندي آهي؟
- بدڪ پنھنجو گھڻو وقت ڪٿي گذاريندي آهي؟
- بدڪ جي پسنديده خوراڪ ڪھڙي آهي؟ وغيره وغيره

اهڙي طرح اُستاد "**ب**" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ ٻين شين جون تصويرون هٿ ڪندو ۽ انھن تصويرن کي ڪٽي انھن جي پزل گيم ٺاهي ساڳئي مٿي بيان ڪيل طريقي سان شاگردن سان ساڳئي سرگرمي ڪرائيندو.



## نوان لفظ:

اُستاد "**ب**"سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| بدڪ | بورڊ | بسڪٽ | بابا | برني | باز | بادام | بصر | بام | بوٽ |

اُهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**ب**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: آئون "**ب**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنھن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺھيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنھنجي جڳھ تي اُٿي بيھندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنھنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.



## **ڪلاس روم جون سرگرميون:**

### **پزل گيم**

اُستاد شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ ”**ب**“ سان شروع ٿيندڙ مختلف شين جي تصويرن کي مختلف حصن ۾ ڪٽي ڪري شاگردن جي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ هو اُن تصوير کي صحيح طريقي سان جوڙين. گروپ ورڪ دوران اُستاد شاگردن جي رهنمائي ڪندو رهندو. تصويرون مڪمل ڪرڻ کانپوءِ هر گروپ پنهنجي مڪمل ڪيل تصوير پنهنجن ٻين ساٿي شاگردن کي ڏيکاريندو ۽ پوءِ اُهو گروپ اُن تصوير بابت ۽ اُن جي مختلف پهلوئن کان ڪلاس جي ٻين شاگردن کي آگاهي ڏيندو.





**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ”**ب**“ سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. هِن طريقي تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

اُستاد بورڊ تي ”**ب**“ سان شروع ٿيندڙ لفظ الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل لفظ کي مڪمل ڪري لکي، جيئن:

**ب + د + ڪ = بدڪ**

اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل ”**ب**“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لِکن. اُن کانپوءِ اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد جائزي تحت شاگردن کان هيٺيان سوال پُڇندو:

- انهن جانورن جا نالا ٻڌايو جيڪي هڪ ئي وقت پاڻي ۽ خُشڪي تي رهن ٿا؟
- بدڪ ڪهڙي رنگ جي ٿيندي آهي؟
- بادام جو رنگ ڪهڙو هوندو آهي؟
- اسان برني ۾ ڇا رکندا آهيون؟
- باز ڇا جو شڪار ڪندو آهي؟ وغيره وغيره

# اکر - ٻ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو جنهن سان شاگردن کي **"اکر - ٻ"** کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي:

### ٻڪري جي ڪهاڻي

هي ڪهاڻي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ امينہ جي آهي. امينہ هڪ سُلڇڻي ڇوڪري هئي، امينہ پنجين درجي ۾ پڙهندي هئي. امينہ پنهنجو ۽ پنهنجي گهر وارن جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي. هُن کي جانورن سان تمام گهڻو پيار هوندو هو ۽ انهن جو گذر سفر بہ پالتو جانورن (ٻڪرين) تي هوندو هو. امينہ پنهنجي گهر ۾ پاليل ٻڪرين جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي ۽ پنهنجي ماءُ سان گڏ ٻڪرين جي سار سنڀال پڻ رکندي هئي ۽ ٻڪرين کي کارائڻ، پيارڻ، کير ڏُهڻ، ٻڪرين جي جڳهہ جي صفائي سُٿرائي ۽ ٻڪرين کي سير ڪرائڻ لاءِ پڻ وٺي ويندي هئي. هڪ ڏينهن ڪلاس ۾ اُستاد پالتو جانورن لاءِ پڙهايو پئي تہ اُن وقت اُستاد پڇيو تہ:"اوهان مان ڪنهن کي ٻڪرين بابت خبر آهي؟" اِهو سوال ٻڌي امينہ جي چهري تي مرڪ اچي وئي ۽ هِن هڪدم مُسڪرائيندي هٿ مٿي ڪيو ۽ پوءِ اُستاد ڪلاس ۾ سيني شاگردن کي چيو:"چڱو تہ پوءِ اچ اسانکي ٻڪرين بابت ڪهاڻي امينہ ٻڌائيندي."



امينہ ڪلاس جي سمورن شاگردن آڏو آئي ۽ پوءِ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو: "ٻڪريون پالتو جانورن ۾ سڀ کان وڌيڪ سُنيون هونديون آهن. ٻڪرين جا ڇيلا ۽ ڇيليون ڏاڍا پيارا هوندا آهن، جيڪي سڄو ڏينهن ٽينگ ٽپا ڏيندا آهن. اسانجون ٻڪريون هر قسم جو گاهہ کائينديون آهن. انهن کي پاڻي ۾ وهنجڻ سُٺو ناهي لڳندو پر هو پاڻي ڏاڍي شوق سان پيئنديون آهن. ٻڪرين مان اسانکي گهڻا ئي فائدا ملندا آهن، جهڙوڪ: اسان ٻڪرين جو کير پيئندا آهيون جيڪو ڪيترين ئي بيمارين جي لاءِ نہ صرف ڪارائتو آهي پر اسانکي کوڙ ساريون طاقتون بہ اُنهن مان ملنديون آهن. اسان ٻڪرين جو گوشت کائيندا آهيون، جيڪو تمام گهڻو لذيذ، مزيدار ۽ طاقتور هوندو آهي. ٻڪرين جي وارن مان رسا ۽ ڳوٿيون ٺهنديون آهن ۽ ٻڪرين جي کَل مان ٿيلها ۽ بيگ ٺاهيا ويندا آهن. اسان ضرورت وقت ٻڪرين کي مارڪيٽ ۾ وڪڻي ڪري کوڙ سارا پئسا بہ ڪمائيندا آهيون مطلب تہ ٻڪريون اسان جي لاءِ تمام گهڻيون فائديمند آهن."




اُستاد ٻڪرين بابت امينہ جي ٻڌايل ڪهاڻي کي ڏاڍو ساراهيو ۽ سيني شاگردن کي هدايت ڪئي تہ جيڪڏهن اوهانجي گهرن ۾ پالتو جانور آهن تہ پوءِ توهان جو اِهو فرض آهي تہ اوهان انهن جو وڌ کان وڌ خيال رکو ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ اِنهن جانورن کي اسانجي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

## نوان لفظ:

اُستاد "ٻ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:


| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻڪري | ٻورا | ٻاچڪا | ٻلي | ٻيٽ | ٻار | ٻني | ٻير | ٻهارو | ٻجُ |

اُهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ب" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "مان "ب" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



ڏس هــيءَ مـنـهـنـجـي ٻـلــڙي، جـنـهـن سـان اٿــم دلــڙي،
رات رهــي ٿــي خـبـــردار، ڪــئــا مــاري ٿـــي ٻــي شـمــار،
نانگ بلائون ڪري ناس، ڪونہ ڪري ڪو تن تي قياس،
ڏسيو ٻليءَ کي پچيو وجن، ٻرن ۾ پنهنجي وجيو لڪن،
واهـ هــيءَ مـنـهـنـجـي ٻـلــڙي، مُـور نــہ ٿِـئــي سا ڍِلَــڙي

### پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ب" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. هِن طريقي تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

### لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "ب" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي، جيئن:

**ب + ڪ + ر + ي = ٻڪري**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ب" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُن کانپوءِ اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

### جائزو:

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر گروپ کي مختلف جانورن جا ٺهيل فليش ڪارڊز ڏيندو ۽ هدايت ڪندو تہ پالتو جانورن جي تصويرن کي جهنگلي جانورن جي تصويرن کان الڳ ڪيو.

# اکر - پ

**برين اسٽارمنگ:**

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو، جنهن سان شاگردن کي"**اکر -پ**" کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي:

**ڪهاڻي "شرارتي پولڙا"**

هڪ ماڻهو ٽوپيون وڪڻڻ لاءِ بازار وڃي رهيو هو ته تيز اُس ۽ گرمي کان گهبرائي ٿوري دير لاءِ وڻ جي ڇانوَ ۾ سمهي پيو. وڻ جي مٿان ڪافي شرارتي پولڙا ويٺا هئا. ٻارو توهان کي ته خبر آهي نه ته پولڙا شرارتي هجڻ سان گڏوگڏ نقل ڪرڻ جا به ماهر هوندا آهن. پولڙا آهستي آهستي وڻ تان هيٺ لٿا ۽ اُن ماڻهو جي پريءَ مان ڳنڍ ڇوڙي ٽوپيون ڪڍي پنهنجي مٿي تي پائي وڻ تي چڙهي ويا. ٻارو! توهان ٻُڌائي سگهو ٿا ته پولڙن اُنهن ٽوپين جو ڇا ڪيو هوندو؟



پولڙا شرارتون ۽ گوڙ ڪرڻ ڪرڻ لڳا. ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته پولڙن جي گوڙ ڪرڻ جي ڪري ڇا ٿيو هوندو؟

ٽوپيون وڪڻڻ وارو پولڙن جي شرارتن ۽ گوڙ تي اُٿي پيو ۽ پولڙن کي ٽوپيون واپس ڪرڻ لاءِ چيو. ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته اُن ماڻهوءَ جي ٽوپين واپس گهرڻ تي پولڙن اُن کي ٽوپيون واپس ڪيون هونديون؟

پولڙن اُن ماڻهوءَ کي ٽوپيون واپس نه ڪيون. اُن شخص ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته پولڙن کان ٽوپيون واپس وٺان، پر پولڙن ٽوپيون واپس نه ڪيون. پوءِ اچانڪ اُن شخص کي هڪ اٽڪل سجهي. ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته ٽوپيون وڪڻندڙ ان شخص کي ڪهڙي اٽڪل سُجهي هوندي؟

اُن شخص پنهنجي مٿي تي پاتل ٽوپي لاهي زمين تي اُڇلائي، پولڙن جو اُن شخص کي اهڙي حرڪت ڪندي ڏٺو ته انهن به پنهنجي عادت مطابق پنهنجون پنهنجون ٽوپيون مٿي تان لاهي هيٺ زمين تي اُڇلايون. ٽوپيون وڪڻندڙ اُن شخص کِلندي کِلندي جلدي جلدي پنهنجون ٽوپيون ميڙي ڪري ڪپڙي ۾ ٻڌي شڪر ڪيو ۽ پوءِ پولڙن جڏهن اُن شخص کي پنهنجون ٽوپيون کڻندي ڏٺو ته انهن جا منهن لهي ويا.

ڪهاڻي جي آخر ۾ اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته: "ٻارو هِن ڪهاڻيءَ مان اسانکي اهو سبق ملي ٿو ته اسانکي ڪڏهن به ڪنهن کي هرويرو تنگ ڪرڻ يا ستائڻ نه گهرجي."

ڪهاڻي ٻُڌائڻ کانپوءِ اُستاد شاگردن کان هيٺيان سوال پڇندو:



- ماڻهو ٽوپيون وڪڻڻ لاءِ ڪاڏي ويندو هو؟
- اُس ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ هو ڪٿي سُمهي پيو؟
- اُن وڻ تي ڪير ويٺل هئا؟
- شرارتي پولڙن ڇا ڪيو؟
- اُن ماڻهوءَ پولڙن کان پنهنجون ٽوپيون ڪيئن واپس ورتيون؟


**نوان لفظ:**

اُستاد "پ"سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پولڙو | پٽِ | پاڇي | پينڊ | پاءُ | پچڻ | پلائي | پيندي | پورو | پٽ شاه |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "پ"جي لفظن جي شڪلين جا تصوير فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "پ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان تعلق رکندڙ تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."




## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### رول پلي

اُستاد ٻن شاگردن کي رول پلي جي تياري ڪرائيندو. انهيءَ رول پلي ۾ هڪ شاگرد کي پولڙو ۽ ٻئي شاگرد کي مداري جو رول (ڪردار) ڏنو ويندو. انهي رول پلي جي حوالي سان اُستاد شاگردن کي دلچسپ ۽ مزيدار ڊائلاگز ياد ڪرائيندو. اُن حوالي سان ڪجهہ ڊائلاگ هيٺ ڏجن ٿا:

جنهن شاگرد کي پولڙي جو ڪردار ادا ڪرڻو هوندو، اُهو پولڙي جهڙو منهن ناهي هيڏي هوڏي ڏسندو ۽ ٽپا ڏئي مستيون ڪندو. جيڪو شاگرد مداري ٿيندو اُهو ڪا شيءِ کڙڪائيندي يا دہلي وڄائيندي هڪ هٿ ۾ جهليل لُڪڻ کي هوا ۾ لوڏائيندي چوندو: ها منهنجا ننڍڙا، پتڪڙا، حرڪتي پولڙا ڏي خبر طبعيت ٺيڪ آ؟

پولڙو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏائي چوندو: جي اُستاد .

مداري: پلا صبح جو ناشتو منجهند جي ماني ۽ رات جو ماني سان گڏ ڪير پي سُمهندو آهين؟

پولڙو وري هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏائي چوندو: جي اُستاد ۽ ڪڏهن ڪڏهن رات جو ٻين جو کير بہ پي ويندو آهين.

مداري: مونکي خبر هئي تہ تون شرارتي آهين. پلا پنهجن دوستن ۽ سهيلين کان وارن مان جوئون ڪيرائيندو آهين؟

پولڙو وري هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏائي چوندو: جي اُستاد ۽ مان بہ ٻين جون جوئون ڪيڏي کائي ويندو آهيان.

مداري: پلا اِهو ٻڌا وار جو وڏا ٿي ويندا اٿئي تہ اُهي حجم کان ڪترائيندو آهين؟

پولڙو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي: جي اُستاد بابو پولڙو پنهنجن تِکن ڏندن سان منهنجا وڏا وار ڪتريندو آهين؟.



مداري: شاباش ۽ تون پنهنجا ننهن ڪٽڻ سان گڏ روز باقاعده ڏندڻ بہ ڪندو آ؟

پولڙو هڪدم پنهنجا ڏند ڏيکاريندو آهي ۽ هٿ اڳيان ڪري چوندو آهي: جي اُستاد هي ڏسو منهنجا چِلڪنا ڏند ۽ هي منهنجا ڪتيل ننهن. مان باقائدي پلو پولڙو آهيان. لوٺڻ پولڙي جهڙو ناهيان. جيڪو پنهنجي صفائي ئي ناهي رکندو.

مداري: شاباش منهنجا سُنا پولڙا، هميش ايئن ئي رهجان صاف سٿرو. ايئن ڪندو رهندين تہ پوءِ تون ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندين ۽ هميشہ سيني کي وڻندين.

**نوٽ:** اُستاد جڏهن ڪو بہ رول پلي ڪرائي تہ اِن ڳالهہ جو خيال رکي تہ جيڪڏهن ڪو شاگرد حصو وٺڻ نہ ٿو چاهي تہ اُن کي زبردستي اُن رول پلي ۾ شامل نہ ڪري ۽ جيڪڏهن ڪو شاگرد

حصو وٺڻ چاهي تہ ان کي همٿائي ۽ ڪردار جي حوالي سان اُن جي راءِ کي پڻ اهميت ڏي . اهڙي طرح آهستي آهستي سمورا شاگرد اهڙين سرگرمين ۾ وڌي چڙهي حصو وٺڻ شروع ڪندا.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**پ**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**پ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل لفظ کي مڪمل ڪري لکي، جيئن:

**پ + و + ل + ڙ + و= پولڙو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**پ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان اُنهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.


**جائزو:**

هيٺ ڏنل اکر کي اُن جي صحيح لفظ سان ليڪ جي مدد سان ملايو:

ٻڪ

بدڪ

پولڙو



# اکر - ت

## **برين اسٽارمنگ:**

اُستاد بورڊ تي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ تارن جون تصويرون ٺاهيندو يا وري تارن جون تصويرون هٿ ڪري بورڊ تي چنبڙائيندو ۽ برين اسٽارمنگ ڪندي شاگردن کان هيٺيان سوال پڇندو. اِن سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي "**اکر - ت**" کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي:

- بورڊ تي ڇا جي تصوير ٺهيل آهي؟
- تارا ڪهڙي وقت نظر ايندا آهن؟
- تارا ڪٿي هوندا آهن؟
- آسمان تي تارن سان گڏ ٻيو ڇا نظر ايندو آهي؟ وغيره وغيره

## **نوان لفظ:**

اُستاد "**ت**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| تارا | تار | تيل | تئو | تتر | تلاءُ | تلوا ر | تارازي | ترڻ | تا ريخ |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**ت**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "مان "**ت**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."








## **ڪلاس روم جون سرگرميون:**

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل بيت پڙهائيندو ۽ کين سُر سان ياد پڙهه ڪرائيندو:



**بيت**

واهه ڙي تارا گول تارا، روشن تارا چلڪي وارا،
سانجهيءَ ٽاڻي نڪرو ٿا، اُڀ سڄي ۾ پکڙو ٿا،
چلڪو چمڪو ساري رات، ڪجي اوهان جي ڪهڙي بات،
رات لنگهي ويا باقي ڇا، اوهين ٻڌايو واٽ اِها،
جوت اوهانجي جي نه هجي، واٽهڙو ڳر واٽ منجهي.



**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ت" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "ت" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ت + ا + ر + و= تارو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ت" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اِن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد بورڊ تي هيٺ ڏنل خال لکندو ۽ خال وارين جاين تي شاگردن کان لفظ نہ لکرائيندو پر هو اڳ ۾ ئي ٺاهيل ستارا ۽ چنڊ شاگردن ۾ ورهائي ڇڏيندو. اُستاد کي 2 + 3 واري طريقي تحت هڪ هڪ جملو ڪري پڙهندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو جملي مطابق ڏنل ستارا ۽ چنڊ خال واري جڳهہ تي لڳائين. اِها سرگرمي ڪرائڻ لاءِ اُستاد ڪلاس اندر موجود سمورن شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو.

- ______ رات جي وقت نظر ايندا آهن.
- رات جي وقت آسمان تي چنڊ سان گڏ ______ بہ نظر ايندا آهن.
- ٻار هميشہ ______ وانگر چمڪندا آهن.
- سج ۽ ______ ڏينهن جو بہ هوندا آهن پر سج روشني جي ڪري نظر نہ ايندا آهن.
- چوڏهين جو ______ گول هوندو آهي.
- انسان ______ تي پهچي ويا آهن.

# اکر - ٿ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد بورڊ تي اکر "ٿ" لکندو پوءِ اُن جي چئوگرد ڪڪر ٺاهيندو پوءِ شاگردن کان هيٺيان سوال پُڇندو پوءِ شاگرد جيڪا معلومات ڏيندا ويندا اُستاد اُها معلومات اُن ڪڪر جي چئوگرد لکندو ويندو:

- توهان پنهنجي اسڪول جا ڪتاب ڇا ۾ کڻي ايندا آهيو؟
- گرمين ۾ جيڪو اسان پاڻي پيئندا آهيون ان ۾ برف ڇو وجهندا آهيون؟
- اسان ماني سان گڏ ٻوڙ ڇا ۾ کائيندا آهيون؟
- بابا گهر جو سودو ڇا ۾ وٺي ايندو آهي؟
- امان اٽو ڇا ۾ ڳوهيندي آهي؟


## نوان لفظ:


اُستاد "ٿ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:


| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٿيلهو | ٿڌو | ٿالهي | ٿيلي | ٿالهه | ٿانوَ | ٿلهو | ٿنيو | ٿُڙُ | ٿوم |

اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ٿ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "آئون "ٿ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو. "









## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### آرٽ ۽ ڪرافٽ

اُستاد شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ انهن سان گڏجي ڳوهيل مٽيءَ مان مختلف شيون ٺهرائيندو جيئن: ٿيلها، ٿالهه، ٿالهي ۽ ٿنيو وغيره ۽ مٽي مان ٺهيل انهن شين جي سُڪڻ کانپوءِ شاگردن کان انهن کي رنگ پڻ ڪرائيندو ۽ انهن کي Kids Corner ۾ سنڀالي رکندو.



**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ٺ"سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي"ٺ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:


**ٺ + ي + ل + ه + و= ٺيلهو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل"ٺ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هواِن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.


**جائزو:**

اُستاد هر شاگرد کي هيٺ ڏنل ورڪ شيٽ حل ڪرڻ لاءِ ڏيندو ۽ جيڪڏهن ورڪ شيٽ جو بندوبست نہ ٿي سگهي تہ پوءِ اُستاد بورڊ تي اُهي تصويرون ٺاهي ، انهن جي سامهون اکر"ٺ" لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي چوندو تہاِن اکر جو واسطو جنهن شيءِ سان آهي ،اُن سان تير ڏئي ملايو:





ٺ



# اکر - ٽ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ ٽوپي کڻي ايندو ۽ پوءِ اُن ٽوپي کي هٿ ۾ جهلي شاگردن کي ڏيکاري انهن کان هيٺ ڏنل سوال پڇندو:

- منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟
- ٽوپي ڪهڙي ڪم ايندي آهي؟
- اسان ٽوپي مٿي تي ڇو پائيندا آهيون؟
- هِن ٽوپي جو رنگ ڪهڙو آهي؟
- اوهانکي هيءَ ٽوپي ڪيئن لڳي رهي آهي؟

**نوٽ:** اُستاد سوالن پُڇڻ کانپوءِ شاگردن کي ٽوپي جي تصوير سان انهن کي اُن جي شروع واري اکر "ٽ" سان ملائيندو.


## نوان لفظ:

اُستاد "ٽ"سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٽوپي | ٽوال | ٽوڪري | ٽڪري | ٽماٽو | ٽاري | ٽرڪ | ٽڪلي | ٽنڊڻ | ٽريڪٽر |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ٽ"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "آئون "ٽ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."








## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### آرٽ ۽ ڪرافٽ

اُستاد شاگردن کان رنگين پنن مان مختلف قسمن جون ٽوپيون ٺهرائيندو. اُستاد شاگردن کي پنهنجون ٺاهيل ٽوپيون پائڻ لاءِ چوندو.مختلف رنگن واريون ٽوپين پاتل شاگردن جا گروپ ٺهرائي . انهن کي ڪتاب ۾ "ٽ"سان شروع ٿيندڙ لفظ پڙهائيندو.



## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ٽ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**



- اُستاد بورڊ تي ”ٽ“ سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي، جيئن:

**ٽ + و + پ + ي = ٽوپي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي، ڪتاب ۾ ڏنل ”ٽ“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد مختلف ٽوپين جي هڪ ڊرائنگ شيٽ ٺاهيندو يا بورڊ تي مختلف قسمن جون ٽوپيون ٺاهيندو۽ پوءِ هڪ هڪ شاگرد کي گُهرائي اُن کي چوندو تہ هو سڀ کان پهرين سنڌي ٽوپي تي گول دائرو ڪڍي ۽ اُن کانپوءِ اُن ٽوپيءَ تي گول دائرو پائي جيڪا اُن کي وڌيڪ وڻي ٿي.



## اکر – ٺ

### برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو جنهن سان شاگردن کي"**اکر –ٺ**" کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي:

**"ٺڪر جي مٽ جي ڪهاڻي"**

پيارا ٻارو منهنجو نالو آهي مٽ ۽ آءُ مِٽيءَ مان ٺهندو آهيان. مونکي ٺاهڻ جي لاءِ هڪ ماهر ڪُنڀار سڀ کان پهرين هڪ خاص چيڪي مِٽي هٿ ڪندو آهي ۽ پوءِ وڏي احتياط سان اُن مٽيءَ کي اهڙي طرح ڳوهيندو آهي جو اُها مٽي ، نه ته گهڻي پٽڙي ٿي پئي ۽ نه ئي گهڻي سخت. اُن ڪانپوءِ ڪُنڀار ان ڳوهيل مِٽيءَ کي گول ڦرندڙ چڪيءَ تي رکندو آهي ۽ پوءِ وڏي ڪاريگريءَ سان هو پنهنجن هٿن جي ڇهاءَ سان اُن چڪيءَ تي رکيل ڳوهيل مٽيءَ کي گول گهمائيندي آهستي آهستي مونکي معنيٰ هڪ خوبصورت مٽ کي ٺاهيندو آهي. جڏهن ڪُنڀار مونکي ٺاهي وٺندو آهي ته پوءِ هو مونکي وڏي احتياط سان سُڪائڻ لاءِ اُس ۾ رکندو آهي ۽ پوءِ جڏهن مان اُس ۾ سُڪي ويندو آهيان ته پوءِ اهو ڪنڀار مونکي پچائڻ لاءِ ڀٺيءَ جي باهه ۾ رکندو آهي. پوءِ مان ٻن ٽن ڏينهن اندر ڪچي مٽيءَ مان بدلجي ٺڪر جي هڪ پڪي مٽ جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهيان ۽ پوءِ اوهان سڀ مونکي پنهنجي گهرن ۾ رکندا آهيو ۽ مون ۾ پيئڻ جو پاڻي وجهي ڇڏيندا آهيو ۽ مان اوهانکي هر وقت پيئڻ لاءِ صاف ۽ ٿڌو ٺڏو پاڻي ڏيندو آهيان. مان



جڏهن ڀڄي پوندو آهيان ته پوءِ مان ننڍڙين ننڍڙين ٺڪرين جي صورت اختيار ڪندو آهيان. ڀڄي ڪري ٺڪريون ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به مان اوهان ٻارن جي ڪم ايندو آهيان ۽ ڇوڪريون منهنجن اُنهن ٺڪرين مان ٺپا ٺاهي ، پنهنجي پسنديده"ٺپي راند" کيڏنديون آهن ۽ ڇوڪرا منهنجين ٺِڪرين کي پاڻيءَ جي سطح جي مٿان تيزيءَ سان ڦِٽي ڪري ٺِپا ڪارائي مونکي پري تائين پري ڦِٽي ڪرڻ جو مقابلو ڪندا آهن. اُن کان علاوه ٻار منهنجين ٺِڪرين سان ستولي راند پڻ کيڏندا آهن.

ڪهاڻي ٻُڌائڻ کانپوءِ اُستاد شاگردن کان هيٺيان سوال پُڇندو:




- هِن ڪهاڻي ۾"**ٺ**" سان ڪهڙي لفظ جو ذڪر بار بار آيو آهي؟
- مٽ جڏهن ڀڄي پوندو آهي ته پوءِ اسان اُن جي ٺڪرن کي ڇا چوندا آهيون؟
- ٺڪرين سان ڇوڪريون ڪهڙي راند کيڏنديون آهن؟
- ٺڪرين سان ڇوڪرا ڪهڙي راند کيڏندا آهن؟

### نوان لفظ:

اُستاد"**ٺ**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٺونٺ | ٺڪر | ٺپو | ٺوڙهو | ٺاهڻ | ٺيڪيدار | ٺيڪ | ٺٺول | ٺُلهه | |

اهي لفظ پڑهائڻ ڪانپوءِ اُستاد"ٺ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "مان"ٺ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڑهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."


## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### ٺپي راند



اُستاد شاگردن کي گرائونڊ ۾ وٺي ويندو ۽ سيني شاگردن کي جوڙي جوڙي ۾ ورهائي انهن کي ٺپي راند کيڏرائيندو.

### پڑهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"ٺ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڑهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڑهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڑهندا.

### لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"ٺ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ٺ + و + ن + ٺ =ٺونٺ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ٺ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي کيس چوندو تہ هو ان لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد ان ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

### جائزو:

اُستاد بورڊ تي نموني طور هيٺ ڏنل سرگرمي کي باقائده طور تي بورڊ تي لکندو. هن سرگرمي تحت اُستاد بورڊ تي نامڪمل لفظن جا ڪجهہ خانا ٺاهيندو ۽ پوءِ انهن جي پرسان ٻين خانن ۾ ڪجهہ ٻيا اکر رکندو جن مان شاگرد صحيح اکر چونڊي نامڪمل لفظ مڪمل ڪندا.

**هيٺ ڏنل خاني ۾ ڏنل صحيح اکر چونڊي خالي خانن ۾ لکي لفظ مڪمل ڪريو.**

| |
|---|
| ٺ |
| ت |
| ٿ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | و | ن | ٺ |

| |
|---|
| ج |
| ڪ |
| ک |

| | | |
|---|---|---|
| ٺ | | ر |

# اکر - ث

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو جنهن سان کين "**اکر - ث**" کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي:

**"ثمرين ۽ ثمر"**



ثمرين پنهنجي ماءُ جي سڪي لڏي ڌيءَ هئي. سندس ماءُ ثمرين جي تمام سٺي نموني پرورش ڪئي هئي. ثمرين تمام گهڻي سٺي ۽ سلڇڻي ڇوڪري هئي ۽ پنهنجي ماءُ جو گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. ثمرين جن جي گهر جي اڱڻ ۾ مختلف قسمن جي ثمر جا وڻ لڳل هئا. ثمر کي اسان ميوا بہ چوندا آهيون. ثمرين ثمر جي انهن وڻن جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي. ثمرين کي پنهنجي ماءُ ننڍي هوندي کان ئي وڏن جي عزت ڪرڻ ۽ ننڍين سان پيار ڪرڻ سيکاريو هو. ثمرين پڙهائيءَ ۾ بہ تمام گهڻي هوشيار هئي. اسڪول ۾ بہ هوءَ سڀني اُستادن جي پسنديده شاگردياڻي هئي ۽ هوءَ سڀني جو خيال رکندي هئي. ثمرين جي پاڙي ۾ هڪ ٻيڍڙي ماسي رهندي هئي جنهن کي ثمرين پنهنجي گهر مان روزانہ مختلف ثمر پٽي ڪارائيندي هئي ۽ جڏهن هوءَ اهڙا سٺا سٺا ڪم ڪندي هئي تہ ان کي انهن ڪمن جي بدلي الله سائين ڪوڙ سارو ثواب بہ ڏيندو هو. تنهنڪري پيارا ٻارو! اسانکي بہ گهرجي تہ اسان بہ ثمرين وانگر ائين ئي پنهنجن وڏن جو خيال رکون, ننڍن سان پيار ڪيون ۽ سڀني انسانن جي مدد ڪيون ۽ ثمرين وانگر الله سائين کي خوش ڪري ڪوڙ سارا ثواب حاصل ڪيون.

## نوان لفظ:

اُستاد "ث" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ثمر | ثواب | ثمرين | ثابت | ثاقب | وارث | ثمينہ |

اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ث" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "مان "ث" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."





## **ڪلاس روم جون سرگرميون:**

### **آرٽ جي سرگرمي**

اُستاد هر شاگرد کي اڇي رنگ جو پنو ڏيندو/ڏيندي ۽ هدايت ڪندو/ڪندي ته هر شاگرد پنهنجي پسند جو ميوو ٺاهي. ميوي جي تصوير ٺاهڻ کانپوءِ اُن ۾ رنگ ڀريندو ۽ هر ٻار پنهنجي ٺهيل تصوير سيني ڪلاس جي ساٿين کي ڏيکاريندو ۽ اُستاد هر شاگرد جي ٺهيل تصوير کي واشنگ لائين تي لڳائيندو/لڳائيندي.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ٿ**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڑهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڑهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڑهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**ٿ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ ڪيس چوندو ته هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ث + و + ا + ب = ثواب**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ٿ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو ته هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد ان کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

**هيٺ "ث" سان شروع ٿيندڙ ٿي لفظ استعمال ڪندي خالي جڳهون ڀريو.**

ثواب ثمر وارث

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ث | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |

# اکر - پ

**برين اسٽارمنگ:**

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل نظم رِڌم ۾ ٻڌائيندو ۽ ڪين پاڻ سان گڏ ڳائڻ لاءِ پڻ چوندو. اهڙي طرح ڪجھ مشق ڪرڻ ڪانپوءِ اُستاد شاگردن کي اِهو نظم ياد ڪرائي ڇڏيندو:



**نظم (پوپٽ جي ڪهاڻي)**


هي آهي ڪهاڻي پوپٽ جي، رنگ برنگي پوپٽ جي
اُڏامندو هي باغن ۾ آهي، چوسيندو گلن جي رس هي آهي،
رنگ برنگي پيارو پوپٽ، اسان سڀن جو پيارو پوپٽ.


**نوان لفظ:**


اُستاد "پ" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پوپٽ | پيسو | پپيتو | پين | پکي | پيٽي | پَٽ | پاٽ | پروين | پاپڙي |

اهي لفظ پڙهائڻ ڪانپوءِ اُستاد "پ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "آئون "پ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."









**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

**خريداري**

اُستاد ڪلاس جي هڪ حصي تي عارضي طور هڪ دڪان ٺاهيندو. اُن دڪان تي مختلف رانديڪا رکندو. هڪ شاگرد کي دڪاندار جو ڪردار ڪرڻ لاءِ چوندو جڏهن ته باقي شاگردن کي چوندو ته هو خريدار ٿي اُن دڪاندار کان مختلف شيون خريد ڪن. اُستاد شاگردن کي نقلي پيسا ڏيندو ۽ خريداري ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏيندي چوندو ته اوهان هن دڪان تان صرف اهي شيون خريد ڪريو جن جو نالو "پ" سان شروع ٿي ٿو.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "پ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي”**پ**“ سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**پ + و + پ + ٽ = پوپٽ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل”**پ**“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ توهان جيڪي شيون دڪان تان خريد ڪيون اُهي واري واري سان ڪلاس جي ٻين ساٿين کي ڏيکاريو. ڪين اُن شيءِ نالو ٻڌايو. اُن شيءِ جو نالو بورڊ تي لکو ۽ اُن شيءِ جي خاصيتن بابت پڻ ڪين آگاهي ڏيو.

# اکر - ج

**برين اسٽارمنگ:**

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هڪ جبل جي تصوير ڏيکاريندو جنهن تي مختلف جانور، جيت وغيره گهمن ٿا ۽ هڪ جهاز هوا ۾ اُڏامي ٿو. اُستاد شاگردن کي اُها تصوير ڏيکاريندو ۽ پوءِ ان تصوير متعلق ٻارن کان مختلف سوال پُڇندو. تصوير ۾ جن شين جا نالا "ج" سان ايندا انکي بورڊ تي لکندو ويندو ۽ بار بار انهن شين جا نالا ورجائيندو.



**نوان لفظ:**

اُستاد "ج" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| جهاز | جُتي | جبل | جنڊ | جيپ | جڳ | جوراب | جمال | جيرو | جيت |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ج" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ:"آئون "ج" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."







**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

## پزل گيم

اُستاد ڪلاس جي سيني شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ جنهن تصوير ذريعي ذهني آمادگي ڪرائي اهڙيون ننڍيون ننڍيون تصويرون ٺاهي اُن تصوير مان "ج" سان شروع ٿيندڙ شين/جڳهن جون تصويرون ڪٽنگ ڪري شاگردن کي گروپن ۾ ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ تصويرن جا اُهي ٽڪر انهن خالي جڳهن تي لڳايو جتي اُهي تصويرون اڳ ۾ ئي ٺهيل هيون. جڏهن شاگرد اها سرگرمي ڪري وٺن تہ پوءِ اُستاد شاگردن کي چوندو تہ هو اُن تصوير ۾ ضرورت مطابق رنگ ڀرين. اُستاد شاگردن کي اِها پڻ هدايت ڪندو تہ جيڪو گروپ تصوير مڪمل ڪري اهو اها تصوير Kids Corner ۾ لڳائي. هر گروپ ٻي گروپ جي تصويرڏسڻ لاءِ ويندو ۽ اُن کي اُن جي تصوير متعلق راءِ ڏيندو.

**نوٽ:** اُستاد ذهني آمادگي ڪرائڻ واري تصوير بورڊ تي لڳائي ڇڏيندا، جيئن شاگردن کي تصويرون ناهڻ ۾ آساني ٿئي.




**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ **"ج"** سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي **"ج"** سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لِکي جيئن:

**ج + ه + ا + ز = جهاز**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل **"ج"** سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي "ج" سان شروع ٿيندڙ لفظن جا فليش ڪارڊز ڏيندو. جن تي مختلف شيون ٺهيل هونديون ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو انهن تصويرن جا نالا لکن.

# اکر - چ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڳجهارت ڏيندو:

### ڳُجهارت

پيارا ٻارو! توهان سيني مونکي ڏٺو هوندو ۽ کاڌو بہ هوندو. مان ڏسڻ ۾ هڪ وڏي ڪارڪ جيترو هوندو آهيان. منهنجو رنگ واڱڻائي هوندو آهي. مان سانوڻ (اونهاري )جي موسم جو ميوو آهيان.مان انتهائي فائديمند ميوو آهيان. منهنجو سواد کٽو ۽ مٺو هوندو آهي.منهنجو وڻ قد بُت ۾ تمام گهٽو وڏو بہ ٿيندو آهي ۽ منهنجا پن بہ وڏا ٿيندا آهن.

پيارا ٻارو! ٻڌايو تہ مان ڪير آهيان؟

جواب: ڄمون


**نوٽ:** اُستاد ڄمون متعلق وڊيڪ چاڻ شاگردن کي ڏيندو.


## نوان لفظ:

اُستاد"**چ**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لِکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:


| نوان لفظ | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چپ | چڄ | چمون | چاري | چامڙو | چنگهہ | چاهو | چانپو |

اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"**چ**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "**چ**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."






## ڪلاس روم جون سرگرميون:



### بيت

ڄـــمـــون آهـــي مـيـــوو سـنـــو ٿـــورو کـــٽـــو ٿـــورو مـــٺـــو

گـرمـي ۾ هــي ٿـيـنــدو آهــي،تـاثـيـر هـن جو ٿـڌو آهـي،

هِن جي کائڻ سان رت وڌي ٿي، تندرستي ۽ صحت ملي ٿي.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"**چ**"سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"**ج**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ج + م + و + ن =چمون**

- اُستاد ڀئي ڏينهن تي , ڪتاب ۾ ڏنل"**ج**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد"**ج**" سان شروع ٿيندڙ لفظن جي تصويرن واري ورڪ شيٽ هر هڪ شاگرد کي ڏيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اُن تي نالا لکن.

# اکر - جھ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هي نظم ٻڌائيندو:

### نظم



سـهـڻـي سهـڻـي پـيـاري پـيـاري،وڻ تـي ويـنـل نـنـڍڙي جِهـرڪـي،
صـبـح سـويـر اُٿـنـدي آهـي، نـانءُ ڏٽـيءَ جـو وٺـنـدي آهـي،
کـنـپ کـنـڊيـري ، پـر پـکـيـڙي، هـيـڏي هـوڏي پـئـي اُڏري،
ڪنهن ڪنهن پل هي گيت ٻُڌائي، ننڍين وڏن جي دل وندرائي،
هـڪ هـڪ ڪک آڻـيـندي آهي، آکيرو هي پنهنجو ٺاهيندي آهي،
ٻـاروان جـو مـطـلـب هـي آهـي، سـپ ڪـجـهـ مـحـنـت جـو ڦـل آهـي.


## نوان لفظ:

اُستاد"جھ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| جهرڪي | جهنڊو | جهوپڙي | جهومر | جهولي | جهرمر | جهنگ | جهڙ | جهونو |

اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"جھ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ:"آئون"جھ" سانشروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيلتصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."










## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### ڊرائنگ

اُستاد شاگردن کي جوڙين ۾ ورهائيندو۽ انهن کي"جھ" سان شروع ٿيندڙ شين جهڙوڪ: جهنڊو، جهوپڙي،جهرڪي وغيره وغيره پنن تي چاپيل ڏيندو ۽ انهن ۾ رنگ ڀرڻ لاءِ چوندو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"جھ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"جھ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي ڏيکاري:

**جھ + ر + ڪ + ي = جھرڪي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**جھ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد بورڊ تي هيٺ ڏنل ڪُٽل اکر لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي چوندو تہ هو اُهي ڪُٽل اکر پنهنجين ڪاپين ۾ لکن ۽ پوءِ انهن ڪُٽل اکرن کي لکي لفظ کي مڪمل ڪن:

**هيٺ ڏنل لفظن ۾ ڪٽل اکر لکي لفظ مڪمل ڪريو.**

جھ ر ______ ي          ______ و ڀ ڙي          جھ ن ڊ ______

# اکر - ج

## برين اسٽارمنگ:

**نوٽ:** "**ج**"سان ڪو بہ لفظ شروع ناهي ٿيندو. هي لفظ هميشہ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي وچ يا آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي.

### شو اينڊ ٽيل

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي اُهي فليش ڪارڊز ڏيکاريندو جن ۾ "**ج**" اکر استعمال ٿيل هجي. اُستاد هر لفظ جي جوڙجڪ ۽ اُن جي استعمال بابت وضاحت سان ٻڌائيندو.


## نوان لفظ:

اُستاد "**ج**" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو.اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڄڄ | مُڄ | سڄ | اُڄ | رُڄ | پڄ | وڄ |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**ج**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "**ج**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."







## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### رول پلي - گڏين جي شادي ڪرائڻ

اُستاد شاگردن کي هڪ ڏينهن اڳ ۾ گڏيون ڪٽي اچڻ لاءِ چوندو. اُستاد گُڏين جي شادي ڪرائڻ لاءِ شاگردن کي ٻن گروپن ۾ ورهائيندو. هڪ گروپ ڪنواريتن ۽ ٻيو گروپ گھوٽيتن جي گھروارن جو رول نڀائيندو. اُستاد شادي کي وڌيڪ مزيدار بڻائڻ لاءِ مختلف شيون ، جھڙوڪ: موڙ، ڳنڍيون، ڳانا، گل ۽ ساز وغيره مختلف پنن ۽ ٻين شين مان شاگردن سان ملي ڪري ٺاهيندو ۽ اهڙي طرح گھوٽيتا ڪنواريتن ڏي ڄڃ ڪٽي ويندا.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ج**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "**ج**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**پ + ج = پڄ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل **"ڃ"** سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

**هيٺ ڏنل لفظن مان جن لفظن ۾ "ڃ" اکر جو استعمال ٿيل آهي انهن لفظن تي گول جو نشان لڳايو:**

| | | |
|---|---|---|
| مُج | مچ | سچ |
| وڃ | رڃ | اُڃ |
| وڄ | سُڃ | وچ |

# اکر - چ

## **برين اسٽارمنگ:**

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل سرگرمي ڪرائيندو:

### **شو اينڊ ٽيل**

**اُستاد چنڊ جي مختلف شڪلين واريون تصويرون هٿ ڪندو ۽ اُهي تصويرون شاگردن کي ڏيکاري چنڊ جي وقت سان تبديل ٿيندڙ شڪيلن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو. اُن کان علاوه اُستاد شاگردن کي چنڊ، ستارن ۽ سج متعلق وڏيک چارٽ ڏيندو.**



## **نوان لفظ:**

اُستاد"**چ**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چنڊ | چوري | چولو | چار | چانور | چنيسر | چاچو | چٽا | چپل | چونو |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"**چ**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون"**چ**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."









## ڪلاس روم جون سرگرميون:


### رول پلي

اُستاد شاگردن جي مدد سان رنگين پنن مان چنڊ، سج ۽ تارا ٺاهيندو. پوءِ ڪلاس مان ڪجهه شاگردن کي چنڊ، ستارا ۽ سج جا ماسڪ پارائيندو ۽ کين ٻين شاگردن کي اُنهن متعلق ڄاڻ ڏيڻ لاءِ چوندو. اُن حوالي سان هڪ رول پلي هيٺ ڏجي ٿو:

__سج__: آئون سج آهيان، آئون هڪ روشن جسم آهيان، منهنجي ڪري اوهان کي سڄو ڏينهن روشني ملندي آهي. منهنجي ڪري انسانن ۽ ساهه وارن کي طاقت ملندي آهي ۽ منهنجي روشني جي ڪري ٻوٽن کي کاڌو ملندو آهي.

__چنڊ__: آئون چنڊ آهيان ۽ رات جي وقت آسمان تي چمڪندو نظر ايندو آهيان. آئون جو رات جو ايڏو چمڪندو آهيان تہ اِها منهنجي روشني ناهي هوندي پر اِها روشني آئون پنهنجي دوست سج مان حاصل ڪندو آهيان.

__ستارو__: آئون سج وانگر چمڪندڙ هڪ روشن ستارو آهيان. آئون زمين کان ايترو پرتي هوندو آهيان جو ڏينهن جي وقت سج جي تيز روشني جي ڪري نظر ناهيان ايندو. اُن ڪري آئون رات جي وقت پري پري کان ٽمڪندي نظر ايندو آهيان. آئون سڄي ڪائنات ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ هوندو آهيان اُن ڪري منهنجي تعداد کي ڪوبہ ڳڻي ناهي سگهندو.



### پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "__چ__" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

### لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "__چ__" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**چ + ن + ڊ = چنڊ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "__چ__" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هُو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

### جائزو:

اُستاد شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇندو:

- چنڊ ۽ ستارا ڪهڙي وقت نظر ايندا آهن؟
- چنڊ کي روشني ڪنهن کان ملندي آهي؟
- ڏينهن جي وقت ڪيترا سج نظر ايندا آهن؟
- ستارا ننڍا ڇو نظر ايندا آهن؟

# اکر - چ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڳُجهارتون ڏيندو:

### ڳجهارتون

مينهن ۾ پُسڻ کان جيڪا اسان کي بچائي،
اُس جي تپش کان اسان کي لِڪائي،
ٻارو! ٻڌايو اِها ڇا آهي؟
اُها تہ ڇٽي آهي!



آسمان وانگر گهر مٿان ڦهليل آهي،
پڪو اُنهيءَ تي لٽڪيل آهي،
ٻارو! ٻڌايو اِها ڇا آهي؟
اُها تہ ڇت آهي!



## نوان لفظ:

اُستاد "چ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چٽي | چت | چٻر | چوڪرو | چوڪري | چير | چانو | چاپو | چاٽي |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "چ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "چ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اِن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."









## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### آرٽ ۽ ڪرافٽ

اُستاد شاگردن کي مختلف رنگن جا پنا ڏيندو ۽ مختلف قسم جون ڇٽيون ٺاهڻ لاءِ چوندو. اُستاد شاگردن جي مدد سان ڇٽين جي ڪٽنگ ڪري واشنگ لائين تي لڳائيندو.



**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "چ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "چ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**چ + ٽ + ي = چٽي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "چ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل بيانن تي غلط ۽ صحيح جا نشان لڳايو:

1. اسان چٽي مينهن وسڻ دوران استعمال ڪندا آهيون؟ (     )
2. چٻر نيري رنگ جي هوندي آهي؟ (     )
3. چوهارا مٺا هوندا آهن؟ (     )

# اکر - ح


**برين اسٽارمنگ:**

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

**حلوي جي ڪهاڻي**

پيارا ٻارو توهان حلوو کاڌو آهي؟ ها! اڄ اسان حلوي جي باري ۾ پڙهنداسين تہ حلوو ڪيئن ٺهندو آهي؟ حلوو سوجي مان ٺهندو آهي ۽ اُن ۾ گيهہ، کنڊ، پستا ۽ بادام بہ پوندا آهن. حلوو ڏاڍو مزيدار هوندو آهي. پيارا ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ حلوو کائڻ ۾ ڪيئن هوندو آهي؟ (منو کٽو، ڪوڙو يا ڦڪو). بلڪل صحيح حلوو کائڻ ۾ منو هوندو آهي. پيارا ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ حلوي جو رنگ ڪيئن هوندو آهي؟ پيارا ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ اسان گهرن ۾ حلوو ڪڏهن پچائيندا آهيون؟ اسان حلوو عيد يا ڪنهن خوشي جي موقعي تي پچائيندا آهيون.

ڪهاڻي ٻڌائڻ کانپوءِ اُستاد شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇندو:




- حلوي جو ذائقو ڪيئن هوندو آهي؟
- حلوي جو رنگ ڪهڙو هوندو آهي؟
- اسان حلوو ڪڏهن پچائيندا آهيون؟ وغيره وغيره


**نوان لفظ:**


اُستاد ''ح'' سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| حجم | حُقو | حوض | حلوو | حليم | حليم | حج | حڪم | حاضر | حافظ |

اِهي لفظ پڑهائڻ کانپوءِ اُستاد ''ح'' جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: ''آئون ''ح'' سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.''










**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

**ورڪ شيٽ**

اُستاد ڪلاس جي سڀني شاگردن کي ٽن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر گروپ کي هڪ شيٽ ڏيندو جنهن تي اهي لفظ لکيل هوندا، جن ۾ اکر ''ح'' استعمال ٿيل هوندو. اُستاد ٽنهي گروپن جي شاگردن کي ورڪ شيٽ ڏيڻ کانپوءِ هدايت ڪندو تہ:

گروپ 1 انهن لفظن تي ليڪ لڳائيندو، جنهن جي پهريان''ح'' اچي.

گروپ 2 انهن لفظن تي ليڪ لڳائيندو، جنهن جي وچ ۾''ح'' اچي.

گروپ 3 انهن لفظن تي ليڪ لڳائيندو، جنهن جي آخر ۾''ح'' اچي.

| |
|---|
| حجم –حليم –حُقو– حلوو – حج |

| |
|---|
| محمد – محرم – احمد – محراب – محترم |

| |
|---|
| اصلاح – ملاح – صلاح – فلاح |

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"ح" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي"ح" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ح + ج + م =حجم**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل"ح" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل سوالن جا جواب پڇندو:

- پيارا ٻارو! توهان حلوو کاڌو آهي؟
- حلوي جو ذائقو ڪيئن هوندو آهي؟
- حلوي جو رنگ ڪهڙو هوندو آهي؟

# اکر - خ

## برين اسٽارمنگ:


اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي ”خ“ سان شروع ٿيندڙ شين جون تصويرون ڏيکاريندو ۽ اُن متعلق سوال ڪندو. انهن تصويرن ۾ خچر، خط ۽ ٽيبل جو خانو ۽ خيمو وغيره نهيل هوندا. اُستاد انهن تصويرن متعلق شاگردن کان سوال ڪندو. اُن کان علاوه جيڪڏهن اُستاد کي ”خ“ سان ملندڙ ڪي ٻيون تصويرون ملن تہ اُهي پڻ ڪتب آڻي سگهي ٿو.

## نوان لفظ:


اُستاد ”خ“سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| خچر | خط | خانو | خرم | خيبر | خادم | خبر | خالي | خالق | خدا |

اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد ”خ“ جي لفظن جي شڪلين جا نهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: ”آئون ”خ“ سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان نهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.“








خ

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



خَرُ ۽ خـچـر آهـــن هـڪ نـسـل دراصـل،
جيئن ٻلي ۽ شينهن آهن هڪ نسل دراصل،
خـــچـــر آ بـــار جـــو بـــادشـــاهـــ،
شـيـنـهـن آ جهـنـگـل جـو بـادشـاهـ،
جيـئـن شيـنـهـن کـان ڊڄـن سڀـئـي جانور،
تيـئـن خـچـر کـان تـــا ڊڄـــن خَـــر،
خچر خلقـيو آ الله اسان جي آساني ۽ بار لاءِ،
سندس ٿورا مڃون، اُن جا سندس مهرباني لاءِ.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ”خ“ سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "خ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندوءِ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**خ + چ + ر = خچر**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "خ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ءِ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

**هيٺ ڏنل تصويرن جي سامهون انهن جا نالا لکو.**

| تصوير | لفظ |
| --- | --- |
|  | |
|  | |
|  | |

# اکر – د

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:



### در جي آتم ڪٿا

مان آهيان دَرُ مون سان سلامت آ هَرُ گَهرُ

تعريف منهنجي حديث ۾ آ، فرمايو خود نبي ﷺ پاڻ آ.

تہ علم جو آ در علي ۽ مان محمد ﷺ آهيان اُن جو شهر.

بغير در جي ڪو نہ ٿيندو داخل, انهيءَ ڳالهہ تي ڪر تون سختي سان عمل.


ادا دل ۽ دماغ جا رک در سدا کُليل, تہ ڪڏهن ڪين رهندين بيگانو ۽ مُنجهيل.

## نوان لفظ:


اُستاد"د" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| در | دري | دوا | دهل | درزي | دائود | دلو | دال | دڀو |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "د" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "د" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."










## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### ڊرائنگ

اُستاد شاگردن کي اچا پنا ڏيندو ۽ هدايت ڪندي چوندو تہ توهان جي گهر ۾ جيڪو دروازو لڳل آهي، اُن جهڙو دروازو ڏنل اڇن پنن تي ٺاهيو ۽ اُن تي پنهنجي پسند جو رنگ ڪيو تہ توهان جي دروازي جو رنگ ڪيئن هجڻ گهرجي.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"د" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"د" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي ڄيئڻ:

**د + ر + ز + ي = درزي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ، ڪتاب ۾ ڏنل "**د**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد شاگردن کي اسائنمينٽ ڏيندو تہ هو پنهنجي گهر جا دروازا ۽ دريون ڳڻي اچن تہ پوري گهر ۾ ڪيترا دروازا ۽ ڪيترون دريون آهن ۽ انهن جارنگ ڪهڙا آهن؟

# اکر - ڌ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي اشارن ذريعي مختلف ڌنڌن جيئن: ڌوٻي، حجم ۽ ڊاڪٽر وغيره جي ڪمن بابت شاگردن کي اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ شاگردن کان اُن متعلق سوال ڪندو. اهڙي طرح اُستاد شاگردن کي مختلف ڌنڌن جي اهميت بابت ٻڌائيندو.

## نوان لفظ:

اُستاد"ڌ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڌوٻي | ڌمال | ڌڻ | ڌنڌا | ڌاٽا | ڌوئنرو | ڌٻڻ | ڌوئڻ | ڌنار | ڌرتي |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ڌ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون"ڌ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."










## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### رول پلي

اُستاد ڪجهہ شاگردن کي مختلف جوڙين ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ جوڙي کي هڪ ڌنڌو يا ڪم جيئن: ڌوٻي، ڊڪڻ، حجم، هاري ۽ ڊاڪٽر ڪرڻ لاءِ ڏيندو. جيڪڏهن انهن ڪمن جي ماڻهن جو لباس ملي پوي تہ پوءِ اُستاد شاگردن کي انهن ئي ماڻهن جهڙو لباس پارائيندو ۽ ڪلاس اندر يا اسڪول ۾ هڪ ننڍو پروگرام ترتيب ڏئي ، انهن شاگردن کي مليل ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چوندو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"ڌ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"ڌ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڌ + ن + ڌ + ا = ڌنڌا**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ڏ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

**هيٺ ڏنل ماڻهن جو تصويرن کي انهن جي ڪمن سان ليڪ ذريعي ملايو.**

| | |
|---|---|
| جج |  |
| حجم |  |
| ڊاڪٽر |  |
| ڊرائيور |  |

# اکر - ڏ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل پُتلي تماشو ڪرائيندو:

### پُتلي تماشو

اُستاد ڪلاس مان ٻن شاگردن کي گُهرائيندو ۽ کين اڳ ۾ ٺهيل ماسڪ ڏيندو. هڪ کي ڏند جو ٺهيل ماسڪ ۽ ٻئي کي ڏندڻ جو ٺهيل ماسڪ ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو ته اُهي ٺهيل ماسڪ کي پنهنجي چهري تي رکي هيٺ ڏنل ڊائلاگ چون:

**ڏند**: آئون آهيان ڏند مونکي صفائي ڏاڍي پسند آهي. مونکي اڇو رنگ تمام گهڻو پسند آهي. اِن لاءِ هميشه اڇو رهڻ پسند ڪندو آهيان. مونکي اُهي ٻار وڻندا آهن جيڪي مونکي هميشه صاف ۽ اڇو رکندا آهن.

**ڏندڻ**: آئون ڏندڻ آهيان. منهنجو ڪم ڏندن کي صاف ڪرڻ آهي. مونکي هميشه صاف سُٿرا ٻار پسند آهن جيڪي مونکي پنهنجن ڏندن کي صاف ڪرڻ جي ڪم آڻيندا آهن. مان نم جي ڪاٺي مان به ٺهندو آهيان ته وري پلاسٽڪ مان به ٺهندو آهيان.




## نوان لفظ:

اُستاد"ڏ" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:


| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڏيڏر | ڏاڙهون | ڏاڪڻ | ڏاند | ڏار | ڏولي | ڏاج | ڏند | ڏندڻ | ڏوڪا |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ڏ"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته:"آئون "ڏ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."









## کلاس روم جون سرگرميون:

### ڊرائنگ

اُستاد شاگردن کي اڇا پنا ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ هو جيڪو بُرش استعمال ڪندا آهن، اُن جي تصوير ڏنل پنن تي ٺاهين ۽ انهن کي پنهنجي پسند جو رنگ ڪن تہ انهن جو بُرش ڪهڙي رنگ جو هُجڻ گهرجي.

### پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ڏ**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

### لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "**ڏ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڏ + ي + ڏ + ر = ڏيڏر**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ڏ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

### جائزو:

اُستاد ڪلاس جي سڀني شاگردن کي ٻن گروپن ۾ ورهائيندو. هڪ گروپ کي ڏندن وارا ماسڪ ۽ ٻئي گروپ کي ڏندڻ وارا ماسڪ پارائيندو ۽ ڏندن کان ڏندڻ متعلق سوال ڪندو ۽ ڏندڻ کان ڏندن متعلق سوال پُڇندو.

# اکر – ڊ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کان هيٺ ڏنل ڳُجهارتون پڇندو:

**ڳجهارتون**

آئون پائيندو اڇو ڪوٽ آهيان،
ڳچي ۾ هميشه هڪ آلو لٽڪايان،
مونکي پائيندا آهن سيئي ڳوناٽان،
ٻارو! ٻڌايو مان ڪير آهيان؟


**ڊاڪٽر**

رستن کان آئون چڱي ريت واقف آهيان،
قاعدي قانون جو ڪندو احترام آهيان،
ڳاڙهي بتي تي رُڪجي ويندو آهيان،
سائي بتي روشن ٿئي ته ڪندو رستو پار آهيان،
ٻارو! ٻڌايو مان ڪير آهيان؟



**ڊرائيور**

ڪٺون پلنگ پينگها پڻ ٺاهيندو آهيان،
رانديڪن ۽ گلدانن تي ڪندو چٽ سالي آهيان،
ٻارو! ٻڌايو مان ڪير آهيان؟


**ڊکڻ**


## نوان لفظ:

اُستاد"ڊ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڊيل | ڊاڪ | ڊاڪٽر | ڊرائيور | ڊکڻ | ڊوڙ | ڊرم | ڊگهو | ڊيپ | ڊپ |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ڊ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "آئون"ڊ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."







## **ڪلاس روم جون سرگرميون:**

### **رول پلي**

اُستاد ڪلاس مان ٽن شاگردن کي رول پلي ڪرڻ لاءِ چونڊيندو، جن کي ڊاڪٽر، نرس ۽ مريض جا ڪردار ڪرڻ لاءِ ڏيندو ۽ انهن کي هيٺ ڏنل ڊائلاگ ياد ڪرائيندو:



**نرس:** ڊاڪٽر صاحب مريض آيو آهي.

**ڊاڪٽر:** پوءِ وٺي اچوس!

**نرس:** جي ڊاڪٽر صاحب!

**مريض:** هئي ڙي مري ويس بس هاٽي مري ويس!

**ڊاڪٽر:** چو بابا اجان تہ مان علاج ئي ناهي ڪيو تہ توهان ڪيئن مرندئو!

**مريض:** سائين چا ٿو چئين مان تہ هتان شفا وٺڻ لاءِ آيو آهيان ۽ توهان مونکي مارڻ جي ڳالهہ پيا ڪيو؟

**ڊاڪٽر:** اڙي تہ پوءِ مان وري ڪهڙو اصلي ڊاڪٽر آهيان, مان بہ تہ عطائي ڊاڪٽر آهيان!

**مريض:** اباڙي پوءِ تہ مان مري ويس, الاڙي مان وڃان ٿو منهنجي توبهہ .

**ڊاڪٽر:** ايئن وري ڪيئن نرس وٺينس تہ هٽانس انجيڪشن (۽ پوءِ مريض ڀڄي ويندو)

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ڊ" سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "ڊ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڊ + ا + ڪ + ٽ + ر = ڊاڪٽر**

- اُستاد بئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ڊ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل اکر کي ليڪ جي مدد سان اُن جي صحيح لفظ سان ملايو.

| | |
|---|---|
| | ڏاڪٽر |
| ڊ | ڈاڪٽر |
| | ڊاڪٽر |

# اکر – ڏ

**برين اسٽارمنگ:**



اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي مختلف جانورن جون تصويرون ڏيکاريندو جن ۾ ڏڳو بہ شامل هوندو. اُستاد شاگردن کان پُڇندو تہ هِنن جانورن ۾ اُهو ڪهڙو جانور آهي ، جيڪو ٻنين ۾ هَر هلائڻ لاءِ هاري استعمال ڪندا آهن. اُستاد شاگردن کي ”ڏ“ سان شروع ٿيندڙ وڌيڪ لفظ پُڇندو ۽ ٻڌائيندو.

**نوان لفظ:**

اُستاد ”ڏ“ سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڏڳو | ڏک | ڏور | ڏنڊ | ڏيرو | ڏورو | ڏال |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد ”ڏ“ جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: ”مان ”ڏ“ سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.“


**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

**بيت**

ڏڳــو آ انســان جــو پــراڻــو ســاٿــي، طا قتــور آ ايئـن جيئـن هـاٿــي،
مـوهـن جي ڏڙي مـان مـليـا آ ثـار اُن جـا. پراڻـو آهي انسان جو ساٿي،
هـاري جـو هـي رهـيـو آ هـمـدرد. مـوسـم هـجي چاهي گرم يا سرد.
هَرَ ۽ ٻَارَ کان هو ڪڏهن نہ ڪيٻائي، جهر جهنگ ۾ هو ٿو پاڻ مڃائي.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ”ڏ“ سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي ”ڏ“ سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڏ + ڳ + و = ڏڳو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل ”ڀ“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد هر شاگرد کي ورڪ شيٽ ڏيندو، جنهن تي مختلف جانورن جون تصويرون ڏنل هونديون ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ انهن جانورن تي گول دائرو لڳائين جيڪي ٻنين ۾ هر ڪاهڻ ۾ هارين جي مدد ڪندا آهن:

ڍڳو ميڙهن ڳئون اُٺ ٻڪري

# اکر – ذ

## برين اسٽارمنگ:

"ذ" هڪ اهڙو اکر آهي، جنهن سان تمام گهٽ اکر ٺهندا آهن، سو "ذ" جي تصور کي سمجهائڻ لاءِ اُستاد شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال ڪندو ۽ انهن جا جواب حاصل ڪري انهن بابت وضاحت پڻ ڪندو:

### سوال جواب

- اسان گهرن ۾ ڪهڙيون شيون گڏ ڪري رکندا آهيون؟
- اسان گهرن ۾ گهٽيون شيون ڇو گڏ ڪري رکندا آهيون؟
- ٻارو مختلف شيون گڏ ڪري رکڻ کي ڇا چئبو آهي؟
- جتي ڪائڻ جون شيون گڏ ڪري رکندا آهيون اُن کي ڇا چئبو آهي؟

## نوان لفظ:


اُستاد "ذ" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | |
|---|---|---|---|
| ذهين | ذهن | ذخيرو | ذرو |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ذ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "آئون "ذ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو. "










## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت

ذري ۾ ڪٽن مان ٿا ٺهن ڪاسا ۾ خرار، نصيحت انهيءَ تي عمل ڪر پيارا ٻار.
ڪٽي ڪٽي مان خرار ٺهن ٿا، ڦڙي ڦڙي مان درياءَ ٺهن ٿا.
نقطن ۾ اکرن مان ڏس ڪتاب جُڙن ٿا، پيچن مان ڏس ٻيلا جُڙن ٿا.
رپين مان ڏس لک ٺهن ٿا، پهريون قدم کڻ سان ڏس چنڊ تي انسان پُڄن ٿا.
ذري ذري جو خيال رکو چو تہ توري مان ئي ٽيندو آهي گهڻو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ذ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**ذ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندوءِ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ذ + ھ + ن = ذهن**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ذ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ توهان پنهنجن گهرن ۾ ڏسي اچو تہ توهان جي گهرن ۾ ڪهڙيون شيون ذخيرو ٿيل آهن .

# اکر – ر

## **برين اسٽارمنگ:**

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### **رابيل ۽ راحيل جي آکاڻي**



رابيل ۽ راحيل پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ هئا. اُهي ٻئي روز گڏجي اسڪول ويندا هئا. انهن جي اسڪول جي رستي تي ريل جي پٽڙي ايندي هئي. اتفاق سان ريل بہ انهيءَ وقت گذرندي هئي، جنهن وقت هو اسڪول ويندا هئا. اُهي ٻئي اُن ريل کي ڏاڍو تجسس ۽ حيراني سان ڏسندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اُهي ٻئي ڪڏهن بہ ريل تي نہ چڙهيا هئا. هڪ ڏينهن اسڪول کان واپسي تي انهن ٻنهي پنهنجي بابا ۽ امان کي ريل تي چڙهڻ لاءِ چيو. انهن جي پيءُ ماءُ کين ريل تي گُهمائڻ جو واعدو ڪيو. جڏهن رابيل ۽ راحيل جي اسڪول جون موڪلون ٿيون تہ اُهي ٻئي پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان ريل گاڏي تي راڻي پور جي سفر تي نڪتا. رابيل ۽ راحيل جڏهن ريل گاڏي ۾ ويٺا تہ تمام گهڻو خوش ٿي رهيا هئا ۽ جڏهن ريل هلي تہ انهن کي تمام گهڻو مزو اچي رهيو هو. هو ٻئي ريل جي دري کان ٻاهر ڏسڻ لڳا. ٻاهر جا نظارا ڏاڍا سهڻا هئا ڪڏهن وڻ تہ ڪڏهن درياءُ ۽ ڪڏهن ريگستان نظر اچي رهيو هو. رابيل ۽ راحيل کي سندن پيءُ رستي ۾ ايندڙ مختلف شهرن جا نالا ۽ انهن شهرن بابت ٻڌائي رهيو هو. آخرڪار ڪافي شهرن کان گُذرندي رابيل ۽ راحيل وارا راڻي پور پهتا ۽ اُتان جو سير ڪري ريل گاڏي ذريعي پنهنجي شهر واپس ٿيا.

- پيارا ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڀيڻ ڀاءُ جو نالو ڇا آهي؟
- رابيل ۽ راحيل راڻي پور ڪهڙي سواري تي گهمڻ لاءِ ويا؟
- ريل جي سفر دوران انهن ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڏٺيون؟


## **نوان لفظ:**


اُستاد "ر" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ريل | رومال | رڇ | رڍ | رلي | رنگ | رابيل | رانديڪو | رازو | راجا |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ر" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ:"آئون "ر" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."










## كلاس روم جون سرگرميون:

### آرٽ ۽ ڪرافٽ

اُستاد ڪلاس جي سيني شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ انهن کي مختلف شڪلين ۾ ڪٽيل رنگين پنا ۽ گلو ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ مختلف رنگن جي ڪاغذن جي ٽڪڙن کي ڪٽي انهن مان مختلف ڊزائينن جون رليون ٺاهين. اُستاد گروپ ۾ ڪم ڪرڻ دوران شاگردن جي مدد پڻ ڪندو رهندو.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ر" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "ر" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ر + يـ + ل = ريل**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ر" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي چوندو تہ هو پنهنجن گهرن ۾ موجود رليون ڏسي اچن ۽ ٻئي ڏينهن تي پنهنجي ڪلاس جي سيني ساٿين کي ٻڌائن تہ انهن جي گهرن ۾ موجود رلين جي ڊزائين ۽ انهن جي رنگن بابت ٻڌائين.

# اکر - ڙ

## برين اسٽارمنگ:

**نوٽ:**" ڙ " سان ڪو بہ لفظ شروع ناهي ٿيندو، هي لفظ هميشہ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي وچ يا آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي.


اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي انهن شين جون تصويرون ڏيکاريندو جن لفظن ۾ "ڙ" استعمال ٿيل هوندو ۽ پوءِ شاگردن کان انهن تصويرن متعلق سوال ڪندو.


## نوان لفظ:

اُستاد "ڙ"سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو.اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ماڙي | ريڙ | ڦاڙهو | چوڙي | ٻيڙي | ڪڙي | ريڙهي | جوڙو | جوڙ | پاڙ |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ڙ"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ڙ"سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."








## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### ڊرائنگ

اُستاد شاگردن کي اڇا پنا ڏيندو ۽ انهن کان مختلف قسمن ۽ رنگن جون ٻيڙيون ٺهرائيندو.



## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ڙ"سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "ڙ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**م+ا+ڙ+ي = ماڙي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ڙ"سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپيين ۾ لکن.

## جائزو:

هيٺ ڏنل کُٽل لفظن کي مڪمل ڪريو.

1. ما.......ي 2. رپ........... 3. پا......... 4. ڪ...........ي 5. چو.......ي

# اکر – ز

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل زنجير جي ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### زنجير جي آکاڻي

پيارا ٻارو! اوهان مونکي معنيٰ زنجير کي تہ ضرور ڏٺو هوندو. آئون لوهہ جي ٺهيل هوندي آهيان. جڏهن لوهار مونکي ٺاهيندو آهي تہ هو منهنجي هر ڪڙيءَ کي ٻئي ڪڙيءَ سان ڏاڍي مضبوطيءَ سان جوڙي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ آئون هڪ مضبوط ۽ سخت جان ٺهي پوندي آهيان. ماڻهو مونکي ڪيترن ئي ڪمن ۾ آڻيندا آهن. جيئن وڏن وڏن جانورن جهڙوڪ: مينهن، ڳئون، اُٺ وغيره کي هڪڙي جاءِ تي مضبوطيءَ سان پڪڙي بيهارڻ لاءِ. منهنجو مضبوط ۽ سگهاري هجڻ جو راز منهنجي ڪڙين جو هڪٻئي سان ٻڌي ۽ اتفاق ۾ لڪل هوندو آهي. منهنجون ڪڙيون هڪٻئي سان ڏاڍي مضبوطيءَ سان جڪڙيل هونديون آهن، ان ڪري ئي آئون مضبوط ۽ طاقتور آهيان. جيڪڏهن منهنجون ڪڙيون ايئن مضبوطيءَ سان جُڙيل نہ هجن تہ آئون ڪڏهن بہ ايترو مضبوط ۽ سگهارو نہ هجان ها. پيارا ٻارو! اوهان بہ منهنجين ڪڙين وانگر هڪٻئي سان سُنا ناتا رکندي هميشہ مضبوط ۽ سگهارا رهندا ڪيو ڇو تہ ايڪي ۽ ٻڌي ۾ وڏي طاقت آهي. منهنجي تعريف ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ جيئن:




ڪڙي مـنـجهہ ڪڙو لـوهـارن لـپـيـٽـيـو
منهنجـو جيءُ جُڙيو آهـــي محبوبن سين.


## نوان لفظ:


اُستاد "ز"سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| زنجير | زردالو | زيتون | زيور | زاهد | زراف | زال | زمين | زم زم | زرد و |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ز" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ز" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."









## کلاس روم جون سرگرميون:

### آرٽ ۽ ڪرافٽ جون سرگرميون

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ انهن سان ملي ڪري متي مان"ز" سان شروع ٿيندڙ مختلف زيور جيئن:هار، والا، منڊي، چوڙيون ۽ مختلف شيون جيئن: زنجير، زيتون ۽ زردالو ٺهرائيندو.



## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ز"سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"ز" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندوءِ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ز+ نـ + جـ + يـ + ر = زنجير**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ز"سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

هيٺ ڏنل کُٽل لفظن کي مڪمل ڪريو.

_______اهد      _______مين      _______يور      _______ال

# اکر – س

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

**”س“جي ڪهاڻي**

سنڌو هڪ سلڇڻي ڇوڪري آهي. جيڪا سيتا ڳوٺ ۾ رهندي آهي. هوءَ ستين ڪلاس ۾ پڙهندي آهي. سنڌو روزانو سوير اُٿندي آهي ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ڪندي آهي. سنڌو پنهنجي سئوٽ سالار کي بہ صبح جو سوير اُٿاريندي آهي ۽ پوءِ ٻئي سوٽ هر روز اسڪول وڃڻ کان اڳ ۾ باغ جي سير لاءِ صبح صبح جو گڏ ويندا آهن. هو ٻئي سير دوران مختلف ۽ رنگين گل ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. سنڌو ۽ سالار باغ جي ساوڪ ڏسي سُڪون محسوس ڪندا آهن. سير تان واپس اچي ٻئي اسڪول لاءِ تيار ٿي اَڇا اُجرا ڪپڙا پائي، ناشتي ۾ سيون کائي سائيڪل تي سوار ٿي اسڪول ويندا آهن. ٻارو! هي هئي**”س سان سنڌو ۽ سالار“** جي ڪهاڻي.


- س جي ڪهاڻي ۾ ڇوڪري ڇوڪريءَ جا نالا ڇا هئا؟
- سنڌو ۽ سالار جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو هو؟
- سنڌو ۽ سالار هر روز سير ڪرڻ لاءِ ڪاڏي ويندا هئا؟
- سنڌو ۽ سالار اسڪول ڇا تي ويندا هئا؟


## نوان لفظ:


اُستاد **”س“** سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سيٽي | سج | سيهڙ | ساجد | سائره | سائيڪل | سئي | سير | سيون | ساوڪ |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد**”س“** جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: ”آئون **”س“**سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.“









## ڪلاس روم جون سرگرميون:

اُستاد سائيڪل تي ڏنل هينيون نظم ٻارن سان گڏ سُر سان پڙهندو ۽ انهن کي ياد پڻ ڪرائيندو:

### بيت

بابا ڏياري سائيڪل،
بابا ڏياري سائيڪل،
ڪير هلي هاٿي پيدل،
ڪير هلي هاٿي پيدل،

سائيڪل پنهنجي نئين نياري،
گهنٽي هِن جي ٽڻ ٽڻ واري،
واهه ڦري ٿو ڪيئن هينڊل،
بابا ڏياري سائيڪل....

مُور نه ٿئي ٿي پنڪچر،
ائين ڊوڙي جيئن لاري موٽر،
هٽن مان ترڪي پيو هينڊل،
بابا ڏياري سائيڪل....



سڀ کان سستي سولي سواري،
سارو ڏينهن گُهمان چوڏاري،
ڪو نه ٿئي پيٽرول جو بل،
بابا ڏياري سائيڪل....

ڏيان سان روڊ تي هلندو آهيان،
آسي پاسي ڏسندو آهيان،
ٽڪَر ڪڏهن نه ڪريان مُور،
بابا ڏياري سائيڪل....

ڳاڙهي بتيءَ تي بيهندو آهيان،
سائيءَ بتيءَ تي هلندو آهيان،
توڙيان ڪو نه ڪڏهن سگنل،
بابا ڏياري سائيڪل...

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "س" سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**


- اُستاد بورڊ تي"**س**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندوءِ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**سـ+يـ + ٽـ + ي = سيٽي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل"**س**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو ان لکيل لفظ هيٺيان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد ان کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

جائزو:

**هيٺ ڏنل اکر"س" سان ڪي بہ ڇهہ لفظ ٺاهي. مثال طور: سائيڪل**



# اکر - ش

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

**شڪارپوري شهزادو**

گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه آهي تہ شڪارپور جي شهر ۾ هڪ شهزادو رهندو هو جنهن کي شڪار ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو.هُن کي هميشہ شينهن جي شڪار جو شوق هوندو هو ۽ هر دفعي پنهنجي دوست شاهہ زيب کي شينهن جي شڪار ڪرڻ لاءِ چوندو هو. پر هُن جو دوست کيس شينهن جي شڪار ڪرڻ کان منع ڪندو هو ڇاڪاڻ تہ شينهن جو شڪار ڪرڻ معنيٰ زندگي جوکي ۾ وجهڻ. پر شهزادو پنهنجي اُن خواهش پوري ڪرڻ لاءِ هميشہ نوان نوان طريقا سوچيندو رهندو هو. هر مهيني وانگر انهن ٻنهي دوستن شڪار تي وڃڻ جي تياري ڪئي. شهزادي هن دفعي پڪو پهہ ڪيو تہ هو شينهن جو شڪار ضرور ڪندو. ٻئي دوست جڏهن جهنگ ۾ پهتا تہ شهزادو رستي تي شينهن جي پيرن جا نشان ڳولهڻ لڳو. ٿوري جهٽ ڪانپوءِ شهزادي کي شينهن جي پيرن جا نشان نظر آيا پر شهزادي شاهہ زيب کي نہ ٻڌايو چو تہ شاهہ زيب شهزادي کي اڳ ۾ ئي شينهن جي شڪار کان منع ڪئي هئي. شهزادي شاهزيب کي بهاني سان ٻئي طرف وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ شينهن جي پيرن کي نظر ۾ رکندي اُن طرف اڳتي وڌندو ويو. هو جيئن ئي اجان ٿورڙو اڳتي ويو تہ شهزادي کي هڪ شينهڻ نظر آئي. شهزادي جيئن ئي پنهنجي تيرڪمان ۾ وجهي شينهڻ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اُن وقت شينهڻ جا چار ننڍا ننڍا ٻچا شينهڻ جي پرسان اچي پنهنجي ماءُ سان ڪيڏڻ لڳا. شهزادي جو اِهو منظر ڏٺو تہ اُن پنهنجو تير ڪمان هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ اُن جي ذهن ۾ اِها ڳالهه اچي وئي تہ شينهڻ ڪيڏن نہ خوبصورت ٻچن جي ماءُ آهي ۽ اِها پنهنجي گهر جهنگ ۾ ڪيڏي نہ خوشيءَ سان رهي ٿي. پوءِ شڪاري شهزادي من ئي من ۾ پاڻ سان اِهو واعدو ڪيو تہ هو آئنده ڪڏهن بہ ڪنهن جانور جو شڪار نہ ڪندو چو تہ اُهي سڀ جانور پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ خوش هُجن ٿا ۽ هن اِهو پڪو پهہ ڪيو تہ هو آئنده ڪڏهن بہ شڪار نہ ڪندو. اُن ڪانپوءِ اِهو شڪاري شهزادو پنهنجي دوست شاهہ زيب سان گڏ واپس گهر موٽي آيو. اُن ڏينهن ڪانپوءِ اُن شهزادي پنهنجي شهر شڪارپور ۾ شڪار ڪرڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي ۽ پنهنجن وزيرن کي حڪم ڏنائين تہ جهنگ جي جانورن جو خاص خيال رکيو وڃي.






**نوٽ:** اُستاد شاگردن کي نصيحت ڪندو تہ اسانکي ڪنهن ساهہ واري کي تڪليف نہ ڏيڻ گهرجي ۽ نہ ئي انهن جو شڪار ڪرڻ گهرجي. جيئڻ جو حق هر ساهہ واري کي آهي ۽ اسانکي ڪنهن کان بہ جيئڻ جو اِهو حق کسڻ نہ گهرجي.


## نوان لفظ:

اُستاد"**ش**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| شينهن | شعاع | شيشي | شازيہ | شال | شڪر | شهر | شور | شام | شربت |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"**ش**" جي لفظن جي شڪلين جا تهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "**ش**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان تهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."










## ڪلاس روم جون سرگرميون:



اُستاد شاگردن کي سامهون ڏنل تصوير ڏيکاريندي اِها هدايت ڪندو تہ تصوير ڏسي ڪهاڻي ناهيو. شاگرد هن پسمنظر کي ڏسندي , ڪردارن کي فرضي نالا ڏيندي ڪهاڻي تيار ڪندا.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"**ش**" سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"**ش**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**شـ+يـ + نـ + هـ + ن = سينٽي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل"**ش**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هينان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد شاگردن کي برين اسٽارمنگ ۾ ٻڌايل شڪاري شهزادي واري ڪهاڻي دهرائيندي کانئن "ش" سان شروع ٿيندڙ لفظن بابت پُڇندو.

# اکر – ص

## **برين اسٽارمنگ:**

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### صابر جي صندوق

صابر وٽ هڪ صندوق هوندي هئي، جيڪا صنوبر جي وڻ جي ڪاٺ مان ٺهيل هئي. اُها صندوق صابر کي پنهنجي ماءُ ڏني هئي، اُن لاءِ اِها صندوق صابر کي ڏاڍي پياري هوندي هئي. صابر جو هڪ تمام گهاٽو دوست هوندو هو جنهن جو نالو صحبت هوندو هو جنهن کي هڪ باغ هو جنهن ۾ صوفن ۽ صنوبر جا وڻ لڳل هوندا هئا.

هڪ ڏينهن صحبت صابر ڏانهن ويو ۽ صابر کي چيو ته مان صوف وڪڻڻ لاءِ شهر وڃي رهيو آهيان ۽ مونکي ڪجھ پيا به ڪم آهن، جنهن جي ڪري ڪجھ ڏينهن شهر ۾ رهندس، اُن لاءِ مونکي تنهنجي صندوق کپي. صابر صحبت کي پنهنجي ماءُ واري صندوق ڏني ۽ اُن جو خيال رکڻ لاءِ چيو. صبح سوير صحبت خان صوفن جون پيٽيون کڻي شهر لاءِ روانو ٿيو. شهر پهچڻ شرط هي ان ماڻهو ڏانهن ويو جنهن کي صوفن جون پيٽيون ڏيٽيون هيون. صحبت جڏهن اُن ماڻهو وٽ پهتو ته صندوق پر ۾ رکي دڪاندار سان پيسن تي ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو ۽ اُن کان بلڪل خيال لهي ويو ته هو ڪا ڪپڙن واري صندوق به کڻي آيو هو. جڏهن دڪاندار کان پيسا وٺي فارغ ٿيو ته هُن پنهنجي صندوق سنڀالي پر صندوق ته اُتي هئي ئي ڪو نه. صحبت ڏاڍو پريشان ٿيو ته هاڻي آئون صابر کي ڇا چوندس. صحبت دڪاندار کان پيسا وٺي صندوق ڳولهڻ لاءِ دڪان کان ٻاهر نڪتو، ٿورو اڳتي ويو ته هُن کي روڊ جي هڪ پاسي کان صابر جي صندوق پيل نظر آئي. صحبت اُن ڏانهن ڀڳو جڏهن صندوق وٽ پهتو ته ڏٺائين ته صندوق خالي هئي ۽ اُن صندوق ۾ پيل صحبت جا سڀ ڪپڙا ۽ ڪجھ پيسا چوري ٿي ويا هئا.




صحبت کي انهن جو ڪو ڏک نه ٿيو پر هُن کي صندوق ملڻ جي ڏاڍي خوشي ٿي. صحبت شهر ۾ وڌيڪ رهڻ جي بدران ڳوٺ واپس ويو ۽ صابر سان سڄي حقيقت ڪيائين. سو ٻارو جڏهن به ڪڏهن ٻاهر وڃو ته هميشه پنهنجي شين جي حفاظت ڪندا ڪيو.

## **نوان لفظ:**

اُستاد "ص" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| صوف | صندوق | صابڻ | صبر | صنوبر جو وڻ | صاف | صدورو | صفر | صابر | صورت |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ص" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته: "آئون "ص" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."











## كلاس روم جون سرگرميون:



اُستاد شاگردن کان خالي کوکي مان هڪڙي صندوق ٺهرائيندو ۽ اُن کي شاگردن سان ملي سينگاريندو. اُن کانپوءِ اُستاد شاگردن کي چوندو تہ توهان مان هر هڪ شاگرد پنهنجي نالي جو پهريون اکر چٽڪيءَ تي لکي اُن صندوق ۾ وجهي ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد اُهي لفظ ورجائيندو تہ مان پنهنجي نالي جو پهريون اکر مثال س , ج , د صندوق ۾ وڌو آهي.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ص" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "ص" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**صـ + نـ + د + و + ق = صندوق**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ص" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو ان لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد شاگردن کي گهر لاءِ اسائنمينٽ ڏيندو ۽ کين چوندو تہ جن شين جا نالا توهان اڄ پڙهيا, انهن مان يا انهن کان علاوه اُهي شيون جيڪي "ص" سان شروع ٿين, انهن کي پنهنجي گهر ۾ ٻين جاين تي ڏسو تہ انهن جا نالا پنهنجين ڪاپين تي لکي اچو ۽ پوءِ اُستاد ٻئي ڏينهن تي هر شاگرد کان ڪلاس ۾ سڀني شاگردن آڏو انهن شين جا نالا پُڇي.

# اکر – ض

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل رول پلي ڪرائيندو:

### رول پلي

اُستاد ڪلاس مان ٻن شاگردن کي سڏ ڪندو. جنهن مان هڪ شاگرد کي ضعيف ٿيڻ لاءِ چوندو ۽ ٻئي شاگرد کي هدايت ڪندو تہ هو اُن ضعيف کي رستو پار ڪرائي ۽ اُها پڻ هدايت ڪندو تہ اُن دوران توهان پاڻ ۾ ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندا. جڏهن اُهي ٻئي ٻار اداڪاري ڪري وڃن تہ اُن کانپوءِ اُستاد ڪلاس ۾ ويٺل ٻين شاگردن کان اُن عمل بابت هيٺ ڏنل سوال ڪندو:

- ٻارو! توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ توهان جا ساٿي ڇا ڪري رهيا هئا؟
- توهان رستي تي هلڻ دوران ڪڏهن ڪنهن کي ، اهو عمل ڪندي ڏٺو آهي؟
- توهان ڪڏهن ڪنهن ضعيف، انڌي يا پاڻ کان ننڍي ٻار کي رستو پار ڪرائيندي ڏٺو آهي؟
- ٻارو توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ اسانکي ايئن ڇو ڪرڻ گهرجي؟

شاگردن جي مختلف جوابن جي بنياد تي اُستاد"ض" جي موضوع کي سهڙيندو ۽"ض" سان ٻيا ڪهڙا لفظ ٺهن ٿا.اُن متعلق وڏيڪ چاڻ ڏيندو.

## نوان لفظ:

اُستاد"ض" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | |
|---|---|---|
| ضعيف | ضرب | ضمير |





اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ض" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ض" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## کلاس روم جون سرگرميون:

### بيت

نہ سمجهو ڪنهن کي بہ هيٺو ۽ ضعيف، هرڪو آهي هتي هوشيار ۽ قابلِ تعريف،
حرفت ۽ چالاڪي سکو ڪانءَ کان، محنت ۽ بچت سکو ماکوڙي ۽ ڪِول کان،
وقت ٿو ڪري هر ڪنهن کي هيٺو ۽ ضعيف، ڪلو نہ ڪنهن تي ڪڍهن بہ توهين،
هيٺن ۽ ضعيفن جي هميشہ مدد ڪجي، انهن جو سنگتي ۽ سها رو ٿجي،
اهو ڪم آهي اعليٰ ظرف جو کِلڻ ڪم انهن تي آهي ڪم ظرف جو.

### پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ض" سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

### لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "ض" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

  **ضـ+ر + ب = ضرب**

- اُستاد ہئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ض" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد ان کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپيين ۾ لکن.

### جائزو:

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي پنو ۽ پينسل ڏيندي هدايت ڪندو تہ هو هڪ ضعيف ماڻهو جي تصوير ٺاهن.

# اکر - ط

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### طارق ۽ طوطو



طارق کي طوطي ڏارڻ جو وڏو شوق هو. طارق پنهنجي دوست طلاح کي طوطي وٺڻ لاءِ چيو. طلاح طارق کي چيو تہ هڪ طوطو طاهر جي گهوڙي واري طبنيلي ۾ رهندو آهي. طارق ۽ طلاح جڏهن طاهر جي گهوڙي جي طبنيلي ڏانهن ويا تہ انهن اُتي ڏٺو تہ هڪ طوطو پنهنجي آکيري ۾ ويٺل هو. طارق ۽ طلاح کي جڏهن طوطي ڏٺو تہ طوطي زور سان رڙ ڪري چيو تہ مان تمام تيز ۽ تکو طوطوآهيان. توهان مونکي قيد نہ ڪري سگهندو. طوطي جي تيز آواز تي طاهر پنهنجي گهوڙي جي طبنيلي ڏانهن تيز ڊوڙندو آيو. طاهر کي ڏسندي ئي طارق ۽ طلاح ڀڄي ويا. پوءِ طوطي طاهر کي چيو تہ اهي ٻئي مونکي پڪڙڻ آيا هئا ۽ مونکي پنهنجن ٻچن کان جُدا پيا ڪرڻ چاهن. اُن ڪري مان وڏي آواز سان رڙيون ڪيون تہ جيئن تون جلدي گهوڙي جي طبنيلي ڏانهن اچ ۽ طارق ۽ طلاح کي ڀڄائي ڪڍ.

**نوٽ:** اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندي چوندو تہ طوطي يا ٻئي ڪنهن بہ پکي کي پڪڙي اُن کي پڃري ۾ بند نہ ڪرڻ گهرجي.

## نوان لفظ:

اُستاد "ط" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| طوطو | طبلو | طارق | طنبيلو | طوفان | طريقو | طالب | طاهر |









اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ط" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ط" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



طوطو ڏا ڍو سهڻو آهي، دل کي ڏاڍو وڻندو آهي،
رنگ برنگي ڪنب اُن جا، ڳاڙها، نيرا، ڦِڪا ۽ ساوا،
چُنهب اُن جي ڳاڙهي آهي، سهڻي ۽ من موهڻي آهي،
پڇ سندس ڊ گهڙو آهي، ڳچي ۾ ڳا ني ڪا ري آهي،



ٻـوليءَ سندس متوالي آهي، دل کي لڳندي پيا ري آهي.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ط**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "**ط**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ط+و + ط + و = طوطو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ط**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپيين ۾ لکن.

## جائزو:

هيٺ ڏنل مختلف پکين جون تصويرون ڏنل آهن ، انهن مان طوطي تي(√) جو نشان لڳايو:

ڳيرو اُلو ڪوئل طوطو



# اکر - ظ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي گھُرائي انهن کان هيٺ ڏنل ايڪٽ ڪرائيندي:

### ايڪٽ

اُستاد ڪلاس مان ڪجهہ شاگردن کي سڏيندو ۽ انهن کي خيالي طور تي جانورن کي پٿر ۽ لڪڻ هڻڻ لاءِ چوندو ۽ ڪلاس ۾ ويٺل ٻين شاگردن کي انهن عملن متعلق هيٺ ڏنل سوال پُڇندو:


- توهان جا ساٿي ڇا ڪري رهيا آهن؟
- توهان ڪڏهن اهڙا عمل ٿيندي ڏٺا آهن؟
- ڇا جانورن کي مارڻ گھرجي يا جانورن کي مارڻ صحيح عمل آهي؟
- جانورن کي ڪهڙا ماڻهو ماريندا آهن؟

جڏهن شاگرد سمورن سوالن جا جواب ڏيندا تہ پوءِ اُستاد کين هدايت ڪندو تہ انسانن ۽ جانورن کي مارڻ ۽ انهن تي ظلم ڪرڻ غلط ڳالهہ آهي ۽ ايئن ڪرڻ سان الله سائين اسانکي سخت گناهہ ڏيندو آهي. اسانکي اهڙا عمل نہ ڪرڻ گھرجن جن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي يا ڪنهن کي نقصان پهچي.

## نوان لفظ:

اُستاد"ظ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | |
|---|---|---|---|
| ظالم | ظروف | ظفر | ظاهر |







اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ظ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ظ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت

ظالم جيڪو ظلم ڪري تو موت پنهنجي پاڻ مري تو
ظالم۽ مظلوم آهن, فاعل ۽ مفعول,فاعل کي ناهي فا ئدو اِهو آهي قرآني قائدو.
جيت آ مظلوم جي، هار آ ظالم جي,اِهو آهي اسلامي مشاهدو.
ظُلم نہ ڪجي ڪنهن سان سدا, نياز ۽ نوڙت سان نت رهجي سدا.
ظلم ۽ ظالم آهن رات ڪاري مثل, جهڙي طرح ڪا ٺهيل پٽ واريءَ مثل.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ظ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "ظ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ظ + ا + ل + م = ظالم**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ظ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو ان لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل "ظ" جي اکر کي صحيح لفظن سان ملايو:


ظالم

ضمير

زردالو

ضعيف

زيتون



# اکر - ع

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل آکاڻي ٻڌائيندو:

### عا دل جي عينڪ



عادل هڪ غريب ڇوڪرو هو. هو صبح جو پڙهڻ ويندو هو ۽ شام جو چاچي عبدالله جي عينڪن واري دڪان تي ڪم ڪندو هو. عادل تمام گھڻو محنتي ڇوڪر هو ۽ ايمانداري سان پنهنجو ڪم ڪندو هو. هَن پڙهائي سان گڏ عينڪن ٺاهڻ جو ڪم بہ سِکي ورتوهو. عادل کي بچت ڪرڻ جي عادت هئي.





جيئن جيئن عادل وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن هُن بچت ڪري آهستي آهستي چڱي رقم گڏ ڪري پنهنجو دڪان کوليو. ڪجهہ وقت کانپوءِ اجا وڌيڪ محنت ڪري عادل پنهنجي عينڪن ٺاهڻ جو ڪارخانو لڳايو ۽ پوءِ هِن پنهنجي ڪارخاني مان ٺهيل هر هڪ عينڪ تي نالو لکيو: "**عادل جي عينڪ**". ٻارو ڏٺو اوهان تہ عادل سخت محنت ڪري ڪيئن پنهنجو عينڪ جو ڪارخانو کوليو ۽ پوءِ هو هڪ امير ماڻهو ٿي ويو.

## نوان لفظ:

اُستاد"**ع**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| عينڪ | عورت | عادل | عيد | عظمت | عظيم | عام | عمل | علم | عالم |









اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"**ع**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "**ع**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



عينڪ نظر وڌائي ٿي، اُس کان پڻ بچائي ٿي،
جنهن جي نظر گھٽ پوي ٿي، عينڪ تنهن لاءِ وڏو ڪم ڪري ٿي،
مطالعي ۾ جيڪي رهن مگن، تن سان عينڪ رهي ٿي سنگ،
اکين تي رکو حيا جي عينڪ، نظرون پڻ رکو پنهنجون نيڪ.



اُستاد شاگردن کي اِها هدايت ڪندو تہ سخت گتي مان عينڪ تيار ڪري پائين ۽ گڏ گڏ مٿي ڏنل گيت ڳائين.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ع**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**ع**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

  **عـ + يـِ + نـ + ڪ = عينڪ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ع**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ "**ا**" ۽ "**ع**" سان ڪجھ ڪُٽل لفظ ڏنل آهن . انهن ڪُٽل لفظن ۾ هيٺ ڏنل اکرن "**ا**" ۽ "**ع**" سان صحيح اکر چونڊي لکو:

| | |
|---|---|
| ع | ا |

1. ــــــــ نب 2. ــــــــ ينڪ 3. ــــــــ ٺُ 4. ــــــــ ورت

# اکر - غ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### غني جي غليل






غني ۽ غزل ٻئي ڀاڻ ڀيڻ هئا. غزل کي پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو پر غني کي هر وقت کيڏڻ جو شوق هوندو هو ۽ هُن کي سڀ کان وڌيڪ مزو غليل سان نشانو لڳائڻ ۾ ايندو هو. سو هو هر وقت غليل کڻي وڻن تي ويٺل پکين کي غليل سان ڪڏهن زخمي ڪندو هو ته ڪڏهن انهن معصوم پکين کي غليل سان ماري به ڇڏيندو هو. غزل هميشه پنهنجي ڀاءُ غني کي سمجهائيندي هئي ته ساهه وارن کي مارڻ غلط ڳالهه آهي، ايئن ڪرڻ سان الله سائين به ناراض ٿيندو آهي. اگر توکي نشاني لڳائڻ جو ايترو شوق آهي ته تون پٿ تي ڪجهه شيون رکي انهن تي نشانو لڳائي پنهنجو شوق پورو ڪر. ايئن ڪرڻ سان توکان ڪنهن ساهه واري کي ايذاءُ به نه پهچندو. پر غني هميشه وانگر غزل جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن هُن جمون جي وڻ تي ڪانءَ جي ٺهيل آکيري کي غليل ۾ پٿر وجهي هنيو ۽ اُهو پٿر ڪانءَ جي ٻچي کي لڳو جيڪو زمين تي ڪري پيو ۽ تڙپڻ لڳو ۽ ڪان ڪان ڪرڻ لڳو. ڪانءَ پنهنجي ٻچي کي تڙپندو ڏسي غني ڏانهن اُڏاميو ۽ غني کي ٺڪڻ تي ٺونگا هڻڻ لڳو. اُن ڪانءَ جي گوڙ تي اچي ٻيا ڪانءَ به گڏ ٿيا پوءِ ته غنيءَ جو حال برو هو. هڪ ڪانءَ ساڄي پاسي کان اُڏامندي ٺونگو پيو هڻيس ته ٻيو وري کاٻي پاسي کان. ڪو ڪانءُ پنيان ٺونگا هڻيس ته ڪو ڪانءُ وري اڳيان پيو ٺونگا هڻيس. غني جي ڀيڻ غزل جو گوڙ سارن ڪانون جي ڪان ڪان ٻڌي ته هوءَ ڊوڙندي ڀاءُ وٽ پهچي وئي ۽ پوءِ ڪانون کي هڪلي ڀڄائي ڇڏيائين. غني کي ڪانون ڏاڍا ٺونگا هنيا. غزل ڪانو جي ٻچي کي هٿ ۾ کڻي پيار ڪيو ۽ ان جي زخم تي مرهم لڳائي جنهن سان اُن جي سُور ۾ گهٽتائي اچ وئي. غزل ڪانو جي ٻچي کي پاڻي پياريو ۽ پوءِ ٿوري دير بعد جڏهن ڪانوَ جو ٻچو صحيح ٿي ويو ته پوءِ هو اُڏري پنهنجي آکيري ۾ ويٺو. اُن دوران غني گهر ۾ لڪي ويهي رهيو ڇو ته هو ڪان ون جي ٺونگن لڳڻ جي ڪري ڏاڍو ڊنل هو. جڏهن غني جي ڀيڻ غزل آئي ته پوءِ هُن پنهنجي ڀيڻ کان معافي ورتي ۽ آئنده لاءِ اهڙن ڪمن کان توبهه ڪيائين.


## نوان لفظ:

اُستاد"غ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪُجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| غاليچو | غليل | غني | غيب | غافل | غلط | غزل | غلام | غار | غذا |









اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**غ**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "**غ**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:



**بيت**

غاليچو فرش تي لڳندو آ پيارو، سراسر آهي وڏي سونهن وارو،
غاليچي تي ويهن ٿا امير و غريب، ڳالهيون ٿا ڪن ڪنن ويهي قريب،
غاليچو آ ڏاڍو نرم و ملائم، صفائي سان سونهن اُن جي سدا رهي ٿي قائم و دائم،
غاليچي وانگي هر دم لڳو سنا سٺا، هرگز پاڻ ۾ نہ حسد ۽ ڪينو ڪيو من مٺا.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**غ**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "**غ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي، جيئن:

**غ + ل + ي + ل = غليل**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**غ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هينان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد ان کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

اُستاد سڀني شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ هر گروپ کي اڇا پنا، پينسل ۽ رنگ ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ هر گروپ پنهنجي مرضي جو هڪ خوبصورت غاليچو ٺاهي ان ۾ رنگ ڀري.

# اکر - ف

## برين اسٽارمنگ:

جيڪڏهن اسڪول ٻهراڙيءَ ۾ آهي تہ پوءِ اُستاد شاگردن کي ٻاهر ڪنهن ٻنيءَ ۾ وٺي ويندو ۽ اُتي ڪين مختلف فصل ڏيکاري اُن بابت ڪانئن ڪجهہ سوال پُڇندو ۽ ڪين پنهنجي طرفان بہ معلومات فراهم ڪندو. اُستاد شاگردن کان جيڪي سوال پُڇندو اُهي ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

1. ٻارو توهانکي هن ٻنيءَ ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟
2. ٻارو سارين جي فصل مان اسانکي ڇا ملندا آهن؟
3. ڪمند مان اسانکي ڇا ملندو آهي؟
4. توهان ڪهڙيون سبزيون کائڻ پسند ڪندا آهيو؟
5. سياري جي مُند ۾ ڪهڙيون سبزيون ٿينديون آهن؟

## نوان لفظ:

اُستاد "ف" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| فانوس | فوجي | فصل | فرحان | فرش | فراسي | فنڪار | فريم | فون |







اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "غ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ ڪين هدايت ڪندو تہ: "آئون "غ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



زندگي گذاريو پنهنجي فانوس وانگر، روشن رکو پنهنجو نام فانوس وانگر.
انڌيري ۾ اُجالو ڪيو فانوس وانگر، هيٺن ۽ لاچارن جي همراهي ڪيو فانوس وانگر.
جلي پاڻ ٻين کي سهارو ڏيو فانوس وانگر، سهي درد پاڻ، ٻين کي سُک ڏيو فانوس وانگر.
پڪو رکو مقصد پنهنجي حيا تيءَ جو رکو پاڻ کي فانوس وانگر، انڌيري ۾ اُجالو ڪيو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ف" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"**ف**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**فـ + و + جـ + ي = فوجي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ف**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

هيٺ ڏنل پزل گيم ۾"**ف**" سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳاهيو پزل گيم مان ٿهندڙ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

لفظ: فانوس – فرش – فوجي – فراسي

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ف | ا | ن | و | س | چ | ف |
| ا | ڻ | ف | و | ن | ف | ر |
| ر | ظ | ر | ف | ز | و | ا |
| و | ع | ش | ر | م | ج | س |
| ا | پ | ن | ي | ش | ي | ي |
| ن | ح | ي | م | ط | ڳ | ل |

# اکر – ق

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺيون ڳُجهارتون ڏيندو:

**ڳُجهارت**



هوا ۾ اُڏري پر جهاز ناهي،
گيس اٿس پر گولو ناهي،
پلا ٻڌايو تہ اِهو ڇا آهي؟
**ڦوڪڻو!**



گول ڦري ٿو پر پکو ناهي،
چڪر لڳائي ٿو پر چرخو ناهي،
پلا ٻڌايو تہ ڇا آهي؟
**ڦيٿو!**


## نوان لفظ:

اُستاد"ڦ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڦيٿو | ڦٽي | ڦوڪڻو | ڦوهارو | ڦڪي | ڦولار | ڦلي | ڦل | ڦڻ |










اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ڦ"جي لفظن جي شڪلين جا نمونا فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ڦ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان نمونا تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

**بيت**



ڦيٿو آ ايجاد انسان جي، عجب آ اها ايجاد انسان جي،
ڦيٿي سان اهڙو چرخو هليو جو آسمان ۾ راڪيٽ اُڏيو
جڏهن ڦيٿو ڦِرندو آهي، تبديلي پوءِ ايندي آهي،
چُر پُر آ حياتي انسان جي، جنهن سان ٿئي ٿي ترقي سماج جي.



**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ق**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**ق**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ق + يـ + ٽـ + و = قيٽو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ق**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل لفظن کي مڪمل ڪيو:

1. ______يٽو     2. ______ل     3. ______ٽي

# اکر – ق

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### قلم جي ڪهاڻي

پيارا ٻارو! اوهانکي خبر آهي تہ قلم ڪيئن ايجاد ٿيو؟

تمام گهڻي پُراڻي وقت جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن پهريان پهريان ماڻهو غارن ۾ رهندا هئا تہ پٿر جي ڇهنب سان پٿين تي لکندا هئا ۽ ڪڏهن وري پنهنجي آڱر کي ڪنهن ٻوٽي جي رنگدار رس يا جانورن جي رت ۾ ٻوڙي قلم طور استعمال ڪندا هئا. دنيا ۾ پهريان پهريان قلم مصر ۾ ايجاد ٿيو. مسلمانن پنهنجي عروج واري دور ۾ ٻدڪ، ڪانءُ وَيا هنج پکي جي کنين مان قلم ٺاهي ان جو استعمال شروع ڪيو. اڳتي هلي نڙ جي پَوري ڳاهہ کي چيري ان مان قلم ٺاهيو ويو. جنهن کي هڪ قسم جي پاڻيءَ جهڙي مَس مان ٻوڙي لکڻ لاءِ ڪتب آندو ويو. رُڪ يا اسٽيل جي پين سڀ کان پهريان برطانيہ ۾ ٺاهي وئي. مَس واريون پينيون آمريڪا ۾ ٺاهيون ويون. بال پين ويهين صدي جي ايجاد آهي.

## نوان لفظ:

اُستاد"ق" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| قلم | قلعو | قطار | قربان | قانون | قوم | قلفي | قميص | قبلو | قدرت |










اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ق"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: " آئون "ق" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:



### بيت

قلم اسان جو دوست آهي، پڙهڻ اسان جو شوق آهي.
لکڻ اسان کي سيکاري ٿو اکر اسان جا سنواري ٿو.
قلم آ ڏاڍو قيمتي ٻارو، قلم جي ڪريو حفاظت ٻارو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"ق" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي"**ق**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ق + ل + م = قلم**

- اُستاد بئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل"**ق**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي کيس چوندو تہ هو ان لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**


اُستاد ڪلاس جي هر شاگرد کي هڪ هڪ ڪري بورڊ تي گهُرائيندو ۽ جيڪي "ق"سان شروع ٿيندڙ نوان لفظ شاگردن کي سيکاريا هئا اُهي لکرائيندو.

# اکر - ڪ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### ڪراچي جو سير




ڪائنات ۽ ڪونج گرمين جون موڪلون گُذارڻ لاءِ پنهنجي سهيلي ڪومل ڏي ڪراچي گُهمڻ ويون. ڪومل پنهنجي سهيلين جي اچڻ تي تمام گهڻي خوش ٿي. هڪ ڏينهن هنن گُهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. پهريان هو قائد اعظم جي مزار تي ويون. ان ڪانپوءِ سمنڊ ڪناري، اُتان ٻيڙي تي چڙهي ڪياماڙي ويون ۽ پوءِ انهن سفاري پارڪ پڻ گهميو. ٽنهي سهيلين ملي ڪري ڪراچيءَ جون مختلف بازارون بہ گهُميون ۽ شاپنگ ڪئي. ڪائنات پنهنجي ڀاءُ ڪامران لاءِ ڪار ورتي. جڏهن تہ ڪونج پنهنجي لاءِ ڪمپيوٽر ورتو ۽ پنهنجن ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ رانديڪا ورتا. ڪائنات ۽ ڪونج ڪراچي جو سير ڪري تمام گهڻو خوش ٿيون.


## نوان لفظ:


اُستاد"ڪ" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪتو | ڪيلو | ڪنوار | ڪرن | ڪٽڪ | ڪبوتر | ڪمرو | ڪار | ڪول | ڪراچي |










اِهي لفظ پڙهائڻ ڪانپوءِ اُستاد"ڪ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ڪ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



ڪُتو آ ڏاڍو ڪما ئتو ۽ وفادار انسان جو اصل ڪان رهيو ساٿي ۽ مددگار،
ڏکي ويل ۾ هميشہ انسان کي ڪم آيو اُن ڪري ڪيس سڀني گهر ۾ آ رهايو.
ڪڏهن نہ مالڪ سان غداري ھِن ڪئي، مالڪ کي بچائي ھِن پنهنجي جان وڃائي،
هرگز ڪُتي کي ڪين ستايو ٻارو! هميشہ اُن جو خيال رکو پيارا ٻارو!

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ڪ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "ڪ" سان شروع ٿيندڙ لفظ الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو ته هو الڳ الڳ ٿيل لفظ کي مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڪ + ت + و = ڪتو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ڪ"سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو ته هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل لفظن کي مڪمل ڪيو.

_______ تو          _______ تاب          _______يلو          _______ راچي

# اکر - ڪ


## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل کٽ بابت گيت سُر ۾ ٻڌائيندو:

### مان آهيان هڪ کٽ ٻارو



پيارا ٻارو آئون هڪ کٽ آهيان، بيٺل هميشہ پٽ تي آهيان،
کاٽ جي هميشہ ٺهيل آهيان، شڪل منهنجي مستطيل آهي،
وزن ۽ بار برداشت ڪيان ٿي، سيني کي آرام ڏيان ٿي،
ٻار، ٻُڍا ۽ بيمار مون تي سُمهن سدائين، ٻار انهن جا سهان ٿي سدائين،
مون ۾ اٺ ڪاٺ ۽ نا ئين نوڙي آ، واه تہ واڍي مونکي جوڙيو آ،
نوڙين سان مان واڻيل آهيان، سهڻي چوکڙين جي آئون جڙيل آهيان،
رهو پاڻ ۾ متحد نوڙين وا نگي، ٿيو نہ ڇڙ وڇڙ ڇرين وانگي.




## نوان لفظ:

اُستاد"**ڪ**" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| **کٽ** | **ڪارو** | **ڪجي** | **ڪنيِ** | **ڪارڪون** | **ڪتاڻ** | **ڪٽمنڙا** | **ڪيسو** | **ڪوڪو** | **ڪير** |










اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**ڪ**"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون"**ڪ**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### رول پلي

اُستاد شاگردن کي ڪير واري جو رول پلي ڪرائيندو. اُن لاءِ اُستاد ڪير واري جو لباس هٿ ڪندو، جيڪو ڪنهن بہ هڪ ڦُڙت شاگرد کي پارائيندو ۽ اُن کان هُوبهو ڪير واري جو رول پلي ڪرائيندو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"**ڪ**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## **لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**ڪ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندوءِ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڪ + ا + ر + و = ڪارو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ڪ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## **جائزو:**

هيٺ ڏنل خانن مان هڪ ۾ مختلف اکر ڏنل آهن. انهن جي مدد سان سامهون واري خاني ۾ "ڪ" سان شروع ٿيندڙ مختلف لفظ لکو جيئن:

**ڪٽ ڪارو ڪجي**

| | |
|---|---|
| ڪ ر<br>ف ڪ<br>ج ٿ<br>م ا<br>ي پ ٿ<br>س ڪ و | 1.<br><br>2.<br><br>3. |

# اکر - گ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:




### ”گ“ جي ڪهاڻي

هي آهي”گ“ جي ڪهاڻي. هڪ ڏينهن”گ“ کي سير ڪرڻ جو شوق ٿيو سو”گ“ پاڻ سان گڏ پنهنجي دوست گڏھ کي ساڻ کڻي سير ڪرڻ لاءِ نڪتو تہ انهن کي رستي ۾ هڪ باغ نظر آيو. اُن باغ ۾ تمام گهڻا خوبصورت گل هئا، جيڪي ڏاڍا سهڻا ۽ دل کي وڻندڙ هئا. گل مختلف رنگن ۽ خوشبوئن وارا هئا،جن جي مٿان پوپٽ، پنيوريون ۽ ماکيءَ جون مکيون جهڳٽن ۾ رقص ڪري رهيون هيون. اِهو منظر اکين کي ڏاڍو وڻي رهيو هو. باغ جي ويجهو هڪ واڙي هئي. جنهن ۾ گجرون، گوبي، گدرو ۽ گوگڙو پوکيل هئا.”گ“ ۽ گڏھ ملي ڪري خوب کاڌو پيتو چو تہ انهن کي خبر هئي تہ ميوو ۽ ڀاڄيون اسانجي صحت لاءِ ڏاڍيون سٺيون هونديون آهن. ”گ“ ۽ گڏھ سير ڪانپوءِ ڏاڍو ٿڪجي پيا ۽ پوءِ”گ“ گڏھ تي چڙهي گهر واپس آيو.

## نوان لفظ:

اُستاد”گ“ سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| گڏھ | گابي | گڏي | گدرو | گاڏو | گوبي | گدڙ | گل | گجر | گوگڙو |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد”گ“ جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: ”آئون ”گ“ سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو.“

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### گڏڙي (بيت)



اچوڙي پينر راند رچايون، ننڍڙي گڏڙي کي پرڻايون،
اچو گڏڙي کي زيور پارايون، پرت پريل پوشاڪ ڍڪايون،
گُلن ڦُلن جي سيج وِڇايون،ڏاج ڏيون ۽ گهور گهمايون،
گڏجي گيت خوشي جا ڳايون، ننڍڙي گڏڙي کي پرڻايون،
گُڏڙي ٻڄي گهر جي راڻي، پڙهيل لکيل ۽ سُگهڙ سياڻي،
رهي نہ محنت کان ويڳاڻي، کُٽي نہ ان جو انُ ۽ پاڻي،
ڏيون مبارڪ ٻايون دايون، ننڍڙي گُڏڙي کي پرڻايون.



**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**گ**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**گ**"سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**گ + ا + ب + و = گابو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**گ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي "گ" سان شروع ٿيندڙ مختلف شين جا نالا لکڻ لاءِ چوندو.

# اکر - ڳ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

## ڳنوار جي آکاڻي



هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ وڏو وزندار ۽ ڳورو ڳنوار رهندو هو. هُن جون ڳئون بہ ڳريون ۽ متاريون هونديون هيون. ڳوٺاڻا ڳنوار جي ڳئن تي سدائين حسد ڪندا هئا ڇو تہ ڳنوار جون ڳئون ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿينديون هيون ۽ کير بہ تمام سٺو ۽ گهڻو ڏينديون هيون. ٻارو! توهانکي خبر آهي تہ ڳنوار جون ڳئون بيمار ڇو نہ ٿينديون هيون ۽ گهڻو کير ڇو ڏينديون هيون؟

ڇاڪاڻ تہ ڳنوار پنهنجي ڳئن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو انهن کي پيار ڪندو هو سُٺو کاڌو کارائيندو هو انهن جي رهڻ واري جڳهہ کي هميشہ صاف رکندو هو بيمارين کان بچاءَ جون ويڪسين ڪرائيندو هو ۽ بيمار ٿيڻ تي انهن جو هڪدم علاج ڪرائي اُنهن جي پرگهور لهندو هو. ڳورين ۽ متارين ڳئن کي سدائين سائو گاهہ چارائيندو هو. ڳنوار جون ڳئون سائو گاهہ چرڻ ڪري کير جام ڏينديون هيون ۽ ڳنوار کير وڪڻ ڪري خاصي رقم ڪمائيندو هو. اُن کير جي خاصي رقم مان هُن پنهنجي زال کي ڳهہ ڳٺا بہ ٺهرائي ڏنا هئا. ڳنوارڻ جا ڳهہ ڳٺا ڏسي وڏيري جي گهر واري کي حسد ٿيندو هو.


ٻارو ڇا اسانکي ٻين ماڻهن جون شيون ڏسي ساڙ يا حسد ڪرڻ گهرجي؟ نہ بلڪل بہ نہ بلڪہ اسانکي پاڻ تمام گهڻي محنت ڪرڻ گهُرجي تہ جيئن اسان بہ پنهنجي محنت سان پنهنجا ۽ پنهنجي گهر وارن جا مسئلا حل ڪري سگهون.

## نوان لفظ:

اُستاد"ڳ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڳئون | ڳيرو | ڳچي | ڳن | ڳجهہ | ڳوہ | ڳنوار | ڳانو | ڳوڻ | ڳوٺ |










اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ڳ" جي لفظن جي شڪلين جا نمونا فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ڳ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### ڳئون (بيت)

پيارا ٻارو!



ڳئون تہ اوهان ڏٺي هوندي، کير جي سرا سر ندي هوندي،
جيڪو کير انهيءَ جو پيئي، سوئي چست ۽ وير ٿئي،
گاهہ چارايون اُن کي جام، تہ ڏئي کير، جهجهو ۽ جام،
رب جو شڪر ڪريون سدا، اُن جي اڳيان سر نمايون سدا،
جنهن اسان لاءِ ڳئون خلقي، کير ۾ ڪنڊ جڻ آ ملائي.

### پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ڳ" سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

### لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "ڳ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڳ + ئ + و + ن = ڳئون**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ڳ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

### جائزو:

هيٺ ڏنل اکرن کي ملائي سامهون واري خاني ۾ لفظ لکو:

| لفظ | اکر | تصوير |
|---|---|---|
| | ڳ ئ و ن |  |
| | ڳ جهہ |  |
| | ڳ ي ر و |  |

# اکر - گھ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:



### گھريتڙي جو گھر

پيارا ٻارو! هن ڌرتي تي الله سائين ڪيترائي جيت ۽ جانور خلقيا آهن ۽ اُنهن کي پنهنجي حساب سان عقل به ڏنو آهي. اُهي پکي، جانور يا جيت پنهنجي جسامت مطابق ۽ رهڻي ڪهڻي لاءِ خوبصورت گھر ٺاهيندا آهن. جتي اُهي ٻچا ۽ آنا ڏيندا آهن ۽ پوءِ انهن جي ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ گھر به ٺاهيندا آهن. اڄ مان اوهانکي هڪ اهڙي ئي محنت ڪش ۽ خوبصورت جيت جي باري ۾ ٻڌائيندس، جنهن کي اسان گھريتڙو چوندا آهيون. يعني مِٽي جو گھر ٺاهيندڙ جيت. گھريتڙي ڏسڻ ۾ سنهڙي ۽ سهڻي هوندي آهي. هُن جا پر ڦِڪا ۽ ڪارا هوندا آهن. هي ڪم ڪرڻ ۾ ڦُڙت ۽ هوشيار هوندي آهي. هي هميشه آلي ۽ چيڪي مٽي مان گھر ٺاهيندي آهي. هي سڄو ڏينهن مٽي جا ننڍا ننڍا گول ذرا وات ۾ ڪٺي گھر ٺاهڻ شروع ڪندي آهي. گھريتڙي پهريان هڪ ٻچي لاءِ هڪ گھر جو حصو ٺاهيندي آهي. اُن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ گھريتڙي کي ڪيترائي ڏينهن لڳي ويندا آهن. جڏهن هو هڪ حصو ٺاهي پورو ڪندي آهي ته اُن ۾ آنو رکندي آهي ۽ ان سان گڏ اُن ۾ هڪ جيت به وجهي ڇڏيندي آهي. اُن ڪانپوءِ اُن حصي جو منهن مضبوطيءَ سان بند ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙي طرح هو پنهنجي گھر جا چار يا ڇهه حصا ٺاهي وڏي مُهارت سان پنهنجو گھر مڪمل ڪندي آهي. هي اڪثر ڪري پنهنجو گھر بجلي جي تارن، گھرن جي ڇتين، پٽين، ڪنڊن ۽ وڻن ۾ پڻ ٺاهيندي آهي. گھريتڙي ايڏي ته مُهارت سان پنهنجو گھر ٺاهيندي آهي جو اُن کي ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويندا آهن. گھريتڙي ڪنهن کي به نقصان ناهي ڏيندي. پر اسان مان ڪجھه ماڻهو گھريتڙي جي گھرکي ڊاهيندا آهن. جيڪو ڪم انتهائي غلط آهي. پيارا ٻارو! گھريتڙي جو گھر نه ڊاهڻ گھُرجي بلڪ اسانکي هن جي محنت مان سبق حاصل ڪرڻ گھرجي ۽ هن جيان محنت ڪرڻ گھرجي.

## نوان لفظ:

اُستاد"**گھ**" سان شروع ٿيندڙ ڪجھه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| گھوڙو | گھڙيال | گھر | گھٽو | گھاٽو | گھريتڙي |




اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**گھ**" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته:"آئون "**گھ**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## **كلاس روم جون سرگرميون:**

### **گھريتڙي گھر ٺاهيو آهي (بيت)**

گھريتڙي گھر ٺاهيو آهي،
محنت ساڻ سجايو آهي،
صبح سوير اُٿندي آهي،
مٿي ڳوهي وات ۾ کڻندي آهي،
ڪم ڪري ٿي ڦُڙتي سان،
چالاڪي ۽ چُستي سان،
اعليٰ آ قدرت واري جو شان،
ڏنو اٿئين ڪنهن جيتامڙي کي دان،
ٻارو اوهان ٻه سبق سِکو،
گھر يتڙي جيان محنت ڪريو.

**سرگرمي:** شاگرد اُستاد جي مدد سان ڪاغذ جو گھر تيار ڪندا.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**گھ**"سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**گھ**"سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گھُرائيندو۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**گھ + و + ڙ + و = گھوڙو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**گھ**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گھُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجي ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل ڳُجھارت کي مڪمل ڪرڻ:

مٿي ڳوهي ٿو پر اوڏ ناهي،
گھر ٺاهي ٿو پر رازو ناهي،
ڀلا ٻڌايو تہ ڇا آهي؟
جواب: اِهو تہ گھريتڙو آهي.

# اکر - ڳ

## برين اسٽارمنگ:

**نوٽ:** "ڳ"سان ڪو بہ لفظ شروع ناهي ٿيندو هي لفظ هميشہ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي وچ يا آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي.

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي مختلف جانورن جون تصويرون ڏيکاريندو جن جا سڱ هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن جيئن: مينهن، ٻڪري، ڳئون، ڏاند ۽ ٻڪرو وغيره. اُستاد سڱن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندي چوندو تہ:




### جانورن جا سِڱ ۽ انهن جا فائدا

جانورن جا سڱ نہ صرف انهن جي خوبصورتيءَ کي ظاهر ڪندا آهن پر اُهي مختلف ڪمن جي بہ ايندا آهن. جيئن: اُهي پنهنجا سڱ بچاءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن. زمين کوٽي يا وڻن جون نرم شاخون سِڱن ۾ ڦاسائي انهن کي ڇڄي ڪري کاڌو حاصل ڪندا آهن ۽ پنهنجي سِڱن جي خوبصورتيءَ تي ناز بہ ڪندا آهن.

## نوان لفظ:

اُستاد "ڳ"سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سڱ | آڱر | اڱڻ | واڱڻ | مڱ | لڱ |


اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ڳ"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ڳ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### آرٽ ۽ ڪرافٽ



اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي مختلف جانورن جون تصويرون ڏيندو جن جا سِڱ ڪٽيل هوندا. جيڪي انهن کي الڳ سان ڏنا ويندا. اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هر جانور کي اُن جا سڱ لڳايو. جيڪو گروپ سڀ کان وڌيڪ ۽ صحيح سِڱ لڳائيندو اُهو گروپ فاتح قرار ڏنو ويندو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ڳ"سان نهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**گ**"سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**آ + گ + ر = آگر**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**گ**"سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

هيٺ ڏنل لفظ مڪمل ڪيو:

0. س ______ 2. آ ______ ر 3. ا ______ ڻ

# اکر – ل

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺيون بيت سُر ۾ ٻڌائيندو ۽ ياد پڻ ڪندو:

**بيت**





آءُ تہ لاٽونءَ ڦيرايون، پاءُ گھڙي ڪن دل وندرايون.
تون بہ ڪٽي آ لاٽون ڏور، پوءِ پڇايون ڪنهن جو زور.
لاٽون آهي سهڻو منهنجو ناهي هُن کان بهتر تنهنجو
هٿ تي ڪٽندس مُور نہ ڊهندو، ڦرندو ڦرندو سانده رهندو
ٽڪجي پوندو گوهيون هٽندو، بيهڻ جون واريون واريندو.
آءُ تہ لاٽونءَ ڦيرايون، پاءُ گھڙي ڪن دل وندرايون.

## نوان لفظ:

اُستاد "ل"سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لِکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| لَڪَڻ | لغڙ | لاٽون | لولي | لفافو | ليمون | لوهہ | لفظ | لاٽ | لوٽو |

اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ل" جي لفظن جي شڪلين جا نهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ل" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو. "

## آئون ڪلاس روم جون سرگرميون:

**لاٽون راند**

اُستاد شاگردن کي ڪلاس روم سرگرمي ۾ لاٽون راند کيڏائيندو/کيڏائيندي.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ل" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي "ل" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ل + ا + ٽ + و + ن = لاٽون**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ل**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گُهرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

هيٺ ڏنل پزل گيم (لفظن جي راند) ۾، ل سان شروع ٿيندڙلفظ ڳولهيو.

لفظ: لَڪڙ، لاٽ، ليمو، لغڙ، لفافو، لاٽون

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ل | ل | ل | ٿ | ل | و | ھ |
| ڪ | ا | ل | ل | غ | ڙ | ل |
| ڙ | ٽ | و | ف | ل | ٿ | ي |
| ل | و | ٽ | ا | ا | ٿ | م |
| ل | ن | و | ف | ٽ | ظ | و |
| ل | س | و | و | پ | ن | ڪ |

# اکر – م


## برين اسٽارمنگ:


اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي **"م"** سان شروع ٿيندڙ شين جا فليش ڪارڊز جيئن: مڇي ، ميز، ماني، مور ۽ مکڻ وغيره ڏيکاريندو ۽ اُن متعلق سوال پُڇندو.

## نوان لفظ:

اُستاد **"م"** سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| منهن | مڇي | ميز | ماکي | مريم | مس ڪپڙي | ماني | مکڻ | مسجد | موري |




اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد **"م"** جي لفظن جي شڪلين جا نهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون **"م"** سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان نهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت



مينهن وسي ٿو ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙ،
جهُڙ ڪري ٿو گڙ گڙ گڙ گڙ.
رستو ويو پاڻيءَ سان پرجي،
نديڙيون پيڙيون آيون ترجي،
ڏُبو جڻ درياءُ لڳي ٿو
هر ڪوءُ اُن ۾ تار تري ٿو
ڇوڪر نديڙا ترندا آيا،
سيني گڏجي گيت هي ڳايا:
مولا سائين مينهن جهجو ڪر،
رستو پاڻيءَ ساڻ سجو ڪر.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ **"م"** سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي”**م**“ سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندوءِ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**م + ا + ڪ + ي = ماکي**


- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل”**ل**“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.


## جائزو:

هيٺ ڏنل تصويرن کي انهن جي صحيح نالن سان ملايو:

مڇي 

ماکي 

مسجد 

مور 

ميز 

# اکر – ن

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### نازيہ نماڻي



نازيہ نماڻي ۽ سُلڇڻي ڇوڪري هئي. هوءَ صبح جو سوير اُٿندي هئي. نماز پڙهي نيرن ڪري اسڪول ويندي هئي. نازيہ کي نارنگين جو جوس ڏاڍو وڻندو هو ۽ اُن جي گهر جي پوئين پاسي ۾ نارنگين جو هڪ ننڍو باغ هو. نازيہ اسڪول کان واپس اچي پنهنجي گهر جو ڪم ڪري فارغ ٿي نارنگين جي باغ ۾ ويندي هئي. نازيہ جي باغ ۾ ڪوڙ سارين جهرڪين ۽ ٻيا پکي رهندا هئا پر ڪڏهن اُهي جهرڪيون ۽ پکي تمام گهڻو گوڙ ڪندا هئا. نازيہ اُن جو ياءُ ناظم ۽ سمورا گهر وارا جهرڪين ۽ پکين جي اهڙي وقت بہ وقت بي جا گوڙ تي تمام گهڻو پريشان هوندا هئا ۽ انهن کي خبر نہ پوندي هئي تہ اُهي سڀ پکي ڪڏهن ڪڏهن تمام گهڻو گوڙ ڇو ٿا ڪن. هڪ ڏينهن نازيہ پنهنجي نارنگين جي باغ ۾ گُهمي رهي هئي تہ نازيہ کي باغ ۾ هڪ نانگ نظر آيو. نازيہ نانگ کي ڏسي رڙيون ڪيون پوءِ اُتي نازيہ جو ياءُ ناظم ۽ نازيہ جو پيءُ نظام بہ اچي ويا ۽ انهن اٽڪل ڪري نانگ کي ماري ڇڏ يو. اُن ڪانپوءِ نازيہ جي نارنگين جي باغ ۾ پکين ڪڏهن بہ گوڙ نہ ڪيو ۽ هو هميشہ هميشہ خوشيءَ مان گيت ڳائيندي نچندا رهندا هئا.

## نوان لفظ:

اُستاد"ن" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| نٿ | نانگ | نارنگي | نيرن | نيزا | نيرو | نماز | نان | نلڪو | نم |










اِهي لفظ پڙهائڻ ڪانپوءِ اُستاد "ن"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون"ن" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## **<u>ڪلاس روم جون سرگرميون:</u>**

### **<u>نظم</u>**

اچو تہ ٻارو توهانکي ٻُڌايان هڪ ڪهاڻي، هڪ ندي جنهن ۾ وهي ٿو نيرو پاڻي،
جنهن جي ڪناري تي ٺهيل آ سهڻو محل، اُن ۾ رهي ٿو راجا ۽ راڻي،
روز راڻي راجا سان گڏ سير ڪري ٿي، انهن کي ندي ڏاڍي وڻي ٿي،
اُن جي پر ۾ ڪيئي گل ۽ ٻوٽا ٿين ٿا ۽ ڪيئي جيت ۽ جانور رهن ٿا،
لهرن ۾ جيڪي ٻيڙيون لڏن ٿيون،اکين کي سي ڏاڍيون وڻن ٿيون،
هيءَ هئي هڪ ندي جي ڪهاڻي،جيڪا مان توهانکي ٻڌائي.

### **<u>پڙهڻ:</u>**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ”<u>ڻ</u>“ سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

### **<u>لکڻ:</u>**


- اُستاد بورڊ تي ”<u>ڻ</u>“ سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو، پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ڻ + ا + ڻ + گ = ناڻگ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل ”<u>ڻ</u>“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

### **<u>جائزو:</u>**

هيٺ ڏنل شڪلين کي نيرو ۽ نارنگي رنگ ڀريو:



# اکر - ڻ

## برين اسٽارمنگ:

**نوٽ:** "ڻ"سان ڪو بہ لفظ شروع ناهي ٿيندو، هي لفظ هميشہ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي وچ يا آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي.

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:



## "ڻ" جي ڪهاڻي

پيارا ٻارو! مان آهيان"ڻ" مان سنڌي الف بي جي پٽي ۾ 48 نمبر تي ايندو آهيان، مان لفظن جي وچ ۽ آخر ۾ ايندو آهيان. مون سان ڪو لفظ ناهي شروع ٿيندو پر مون کانسواءِ ڪو ڪم بہ ناهي ٿيندو. واقعي جيڪڏهن مان ڪاڻ، پيئڻ، ڳائڻ، نچڻ، روئڻ، اُٿڻ، ويهڻ، سُمهڻ، جيئڻ ۽ مرڻ وغيره ۾ نہ هُجان تہ پوءِ انهن لفظن جي ڪا معنيٰ نہ نڪري . انهيءَ ڪري چيم تہ مونکان سواءِ ڪو ڪم ناهي ٿيندو. تنهن ڪري مان گهڻي اهميت رکندڙ ۽ طاقتور آهيان، ڇو جو مان سڀني جو مددگار آهيان. اِهو اسانجي ايڪي ۽ ٻڌي جو ثبوت آهي. پيارا ٻارو! توهان بہ هميشہ"ڻ" وانگر سڀني جا مددگار بڻجو ۽ سڀ ايڪي ۽ ٻڌي سان رهو.

## نوان لفظ:

اُستاد"ڻ" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وڻ | راڻي | ڏڻ | مڻ | ڪڻ | مکڻ | هلڻ | گهمڻ | واڻ | ترڻ |



اهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ڻ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ڻ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### نظم

اچو تہ ٻارو توهانکي ٻڌايان هڪ ڪهاڻي،هڪ ندي جنهن ۾ وهي ٿو نيرو پاڻي،
جنهنجي ڪناري تي ٺهيل آ سهڻو محل، اُن ۾ رهي ٿو راجا ۽ راڻي،
روز راڻي راجا سان گڏ سير ڪري ٿي، انهن کي ندي ڏاڍي وڻي ٿي،
اُن جي پر ۾ ڪيئي گل ۽ ٻوٽا ٿين ٿا ۽ ڪيئي جيت ۽ جانور رهن ٿا،
لهرن ۾ جيڪي ٻيڙيون لڏن ٿيون، اکين کي سي ڏاڍيون وڻن ٿيون،
هيءَ هئي هڪ ندي جي ڪهاڻي، جيڪا مان توهانکي ٻڌائي.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ڻ" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "ڻ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ر + ا + ٽ + ي = راٽي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ڻ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو. ڪلاس روم سرگرمي ۾ جيڪو بيت پڙهايو اُهو پيپر تي لکي هر گروپ کي ڏيندو ۽ هدايت ڪندو تہ جن لفظن ۾ اکر "ڻ" استعمال ٿيل آهي، اُنهن لفظن جي هيٺان ليڪ ڪڍن.

مثال: <u>پاٽي</u>

# اکر - و

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

## وڻ جي ڪهاڻي

منهنجو نالو وڻ آهي.مان انسان سان ازل کان وٺي گڏ آهيان. مان تہ ڏاڏي آدم ۽ ڏاڏي امان سان جنت ۾ بہ گڏ رهندو هيم ۽ اُن کانپوءِ بہ جتي جتي انسان آهي اُتي اُتي مان آهيان. مان تہ انسان سان گڏوگڏ هر ساهہ واري جو بہ ساٿي آهيان. مان سيني لاءِ گل، ميوا ۽ کائڻ پيئڻ جي ٻين شين سان گڏ ڪاٺ بہ پيدا ڪندو آهيان. منهنجي ڪاٺ منجهان ٺهيل ٻيڙا سمنڊ ۾ وڏي شان سان هلندا آهن ۽ منهنجي ڪاٺ مان ٺهيل ٻيڙيون دريائن ۽ ڍنڍن ۾ ناز سان لُڏنديون آهن. مان آهيان تہ ميداني علائقا بہ خوبصورت ۽ سرسبز جهنگ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ۽ منهنجي ڪري تَـرُ بہ ملير ٻڻجي پوندو آهي. جيڪڏهن مان ناهيان تہ پوءِ هڪ گهر بہ بَـرُ لڳندوآهي، منهنجي ڪاٺ مان ئي تہ توهانجي گهرن ۾ در دريون ۽ ٻيو سامان هوندو آهي.





مان انسانن لاءِ ڏاڍو فائديمند آهيان. مان گرميءَ ۾ مسافرن، جانورن، پکين ۽ جيتن جڻن کي ڇانوَ ڏيندو آهيان ۽ منهنجي ڪري اوهانکي ٿڌڙيون هوائون بہ ملنديون آهن. منهنجي هڪ ٻي بہ تمام وڏي خاصيت آهي تہ مان هوا ۾ موجود زهريلين گئسن کي ڪائي ويندو آهيان ۽ هوا کي صاف سٿرو ڪندو آهيان.


## نوان لفظ:

اُستاد"و" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| واڍو | واڳون | وَٽَ | واري | وڻ | وڳو | وحيد | ول | وڏو | واري |










اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"و" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون"و" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ ان لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو. "

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

## پريڪٽيڪل ورڪ (عملي ڪم)

اُستاد شاگردن سان ملي ڪري اسڪول ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ وڻ لڳائيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ روز صبح جي وقت انهن وڻن يا وڻ کي پاڻي ڏيندا. اُستاد اُن وڻ يا وڻن جي پرسان هڪ تختي لڳائيندو، جنهن تي اُن وڻ يا وڻن جو نالو ان کي لڳائڻ واري ڏينهن جي تاريخ، مهينو ۽ سال لکيل هوندو.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**و**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**و**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو ۽ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو ته هو الڳ الڳ ٽيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**و + ا + ڊ + و = واڊو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**و**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو ته هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد شاگردن کي اسائنمينٽ ڏيندو، جنهن ۾ انهن کي چوندو ته اسڪول کان واپسي تي رستي ۾ جيڪي به وڻ نظر اچن انهن بابت ڪلاس ۾ اچي پنهنجن ساٿين کي ٻڌائين.

# اکر - ھ

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل پزل گيم کيڏائيندو:

(Puzzle Game)


اُستاد شاگردن کي هڪ شيٽ ڏيکاريندو ، جنهن تي مختلف جانورن ۽ پکين جون تصويرون ٺهيل هونديون اُستاد شاگردن کان اُن شيٽ متعلق هيٺيان سوال پُڇندو ۽ انهن جانورن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو:


- ٻارو! توهانکي هن شيٽ ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟
- هن شيٽ ۾ موجود جانور ۽ پکي توهان ڏٺا آهن؟
- هاٿي، هرڻ، هُدهُد ۽ هنج پکي ڪهڙي اکر سان شروع ٿيندا آهن؟

## نوان لفظ:

اُستاد"ھ"سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هاٿي | هرڻ | هٽ | هنداڙو | هاري | هتوڙو | هُدهُد | هار | هاڪي | هنج پکي |







اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد"ھ" جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ھ" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو. "

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### پزل گيم

اُستاد مختلف شيٽس تي هاٿي، هرڻ، هنج پکي ۽ هُدهُد جون وڏيون تصويرون ٺاهيندو. انهن شيٽس کي مختلف حصن ۾ ڪٽيندو ۽ ڪلاس جي سيني شاگردن کي مختلف گروپن ورهائيندو ۽ هر گروپ کي مختلف جانورن جي تصوير مڪمل ڪرڻ لاءِ چوندو. جيڪو گروپ سڀ کان اڳ ۾ تصوير مڪمل ڪندو اُهو فاتح قرار ڏنو ويندو.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾"ھ" سان ٿهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## لکڻ:

- اُستاد بورڊ تي"ھ" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ھ + ا + ٿ + ي = هاٿي**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "ھ" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجي ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو:

هيٺ ڏنل تصويرن کي انهن جي صحيح نالن سان ملايو:

هٿ



هاٿي



هنداڻو



هرڻ



# اکر - ئ - ء

## برين اسٽارمنگ:

**نوٽ:**"ئ - ء"سان ڪو بہ لفظ شروع ناهي ٿيندو هي لفظ هميشہ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي وچ يا آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي.

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل بيت ٻڌائيندو:

## "ئ - ء" جو بيت

نظر هي ايندو ننڍڙو آهي،
هِن سان لفظ شروع نہ ٿيندو آهي،
رهندو هي هر گهر ۾ آهي،
پيءُ، ماءُ، ڀاءُ جو هي ساٿي آهي،
ڪائڻ، پيئڻ ۾ پڻ ڪم ايندو آهي،
اِهو تہ ڀارو ننڍڙو "ئ - ء" آهي.

## نوان لفظ:


اُستاد "ئ - ء" سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجھ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ائٿ | آئينو | ڪائڻ | پيئڻ | ووئڻ | مائٽ | ماءُ | ڀاءُ | پيءُ | آءُ |










اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "ئ - ء" جي لفظن جي شڪلين جا تصوير فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: "آئون "ئ - ء" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳھ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### بيت

ادا آءُ، پلي آءُ،
ماني ڪاءُ، پاڻي پيءُ،
سدا جيءُ.

## پڙهڻ:

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "ئ - ء" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

## **لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي ”ئـ ـ ء“ سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندو پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ ڪيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**ا + ئـ + ٽ = ائٽ**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل ”ئـ ـ ء“ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي ڪيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن ڪانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## **جائزو:**

هيٺ ڏنل لفظ مڪمل ڪريو:

ا______ٽ آ______ينو پي______ڻ ڪا______ڻ ما______ٽ

# اکر - ي

## برين اسٽارمنگ:

اُستاد ڪلاس ۾ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### "الف کان ي" تائين جي ڪهاڻي

اچو تہ ٻارو سيئي پڙهون ٿا"**الف کان ي**" تائين جي ڪهاڻي. هِن ڪهاڻي ۾ 52 اکر آهن. هن ڪهاڻيءَ جي هر اکر سان شروع ٿئي ٿو هڪ نئون لفظ، پر ڪجهہ اکرن سان ڪو بہ لفظ شروع نہ ٿو ٿئي. هِن ڪهاڻي ۾ ڪائنات جي هر شيءِ جو ذڪر آهي. هيءَ ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي الله جي مبارڪ نالي سان. ذڪر هن ۾ انسان جو بہ آهي تہ ٻوٽن، جانورن ۽ پکين جو بہ آهي. اچو تہ ٻارو اڳتي وڌون ۽ پڙهون هيءَ مزيدار ڪهاڻي. اسڪول کان شروعات ٿا ڪيون، ب سان بابا، ٻ سان ٻڪري، پ سان پولڙي، ت سان تارو، ٿ سان ٿيلهو، ٽ سان ٽوپي، ٺ سان ٺڪر، ث سان ثمر، پ سان پکي، ج سان جتي، ڄ سان ڄڀ، جهہ سان جهرڪي، ڃ سان ڃڃ، چ سان چنڊ، ڇ سان ڇٽي، ح سان حلوو، خ سان خط، د سان دروازو، ڌ سان ڌوٻي، ڏ سان ڏيڏر، ڊ سان ڊاڪٽر، ڍ سان ڍڳو، ذ سان ذرو، ر سان رات، ڙ سان ماڙي، ز سان زردالو، س سان سيٽي، ش سان شينهن، ص سان صابڻ، ض سان ضعيف، ط سان طوطو، ظ سان ظالم، ع سان عينڪ، غ سان غاليچو، ف سان فوجي، ڦ سان ڦوهارو، ق سان قلم، ڪ سان ڪاغذ، ک سان کٽ، گ سان گاڏي، ڳ سان ڳيرو، گهہ سان گهوڙو، ڱ سان سڱ، ل سان لٺ، م سان مور، ن سان نلڪو، ڻ سان وڻ، و سان واڍو، هہ سان هٿ، ء آئٽ ۽ ي سان ياقوت.

جي پيارا ٻارو اوهان ٻڌايو ڪيئن لڳي هي ڪهاڻي ، جنهن ۾ سمايل هئي دنيا هي پياري پياري.

## نوان لفظ:

اُستاد"**ي**" سان شروع ٿيندڙ ڪجهہ لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي پڙهائيندو. اهڙا ڪجهہ لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| نوان لفظ | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| يڪتارو | يڪو | ياقوت | يعقوب | ياد | يقين | ياسين | يونان | يمن | ياسمين |









اِهي لفظ پڙهائڻ کانپوءِ اُستاد "**ي**"جي لفظن جي شڪلين جا ٺهيل فليش ڪارڊز شاگردن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ: " آئون "**ي**" سان شروع ٿيندڙ جيڪو لفظ پڙهان ۽ جنهن شاگرد وٽ اُن لفظ سان ٺهيل تصوير هوندي اُهو شاگرد پنهنجي جڳهہ تي اُٿي بيهندو ۽ ڪلاس ۾ موجود پنهنجن ساٿي شاگردن کي اُهو فليش ڪارڊ ڏيکاريندو."

## ڪلاس روم جون سرگرميون:

### 41 اکرن وارن نالن جي راند

اُستاد ڪلاس جي سڀني شاگردن کي ٻاهر گرائونڊ ۾ وٺي ويندو ۽"**ا**" کان وٺي "**ي**" تائين اکرن سان نالي وار ٻارن کي گروپن ۾ ورهائيندو. جن بہ ٻارن جا نالا هڪ ئي اکر سان شروع ٿيندا، انهن سڀني ٻارن کي ساڳئي گروپ ۾ رکندو. سڀ کان پهرين اُستاد پاڻ هڪ لفظ چوندو "اسڪول" جنهن گروپ جو وارو هوندو اُهو گروپ"**ل**" سان شروع ٿيندڙ لفظ

ٻڌائيندو اهڙي طرح هر گروپ واري واري سان لفظ ٻڌائيندو. آخر ۾ جيڪو گروپ سڀ کان وڌيڪ لفظ ٻڌائيندو اُهوگروپ راند جو فاتح قرار ڏنو ويندو.

**پڙهڻ:**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ "**ي**" سان ٺهندڙ لفظن کي 2 + 3 واري طريقي تحت پڙهائيندو. جنهن تحت اُستاد پهريان 2 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 1 دفعا شاگرد اُستاد سان گڏ پڙهندا.

**لکڻ:**

- اُستاد بورڊ تي "**ي**" سان شروع ٿيندڙ لفظ کي ٽوڙي اکر الڳ الڳ ڪري لکندوءِ پوءِ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ٿيل اکرن کي پاڻ ۾ ملائي لفظ مڪمل ڪري لکي جيئن:

**يـ + ڪ + و = يڪو**

- اُستاد ٻئي ڏينهن تي ڪتاب ۾ ڏنل "**ي**" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ هڪ ڪري بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائي کيس چوندو تہ هو اُن لکيل لفظ هيٺان انهيءَ لفظ کي لکن. اُستاد اُن کانپوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

اُستاد هر هڪ شاگرد کي خالي پنو ڏيندو ۽ چوندو تہ "**ا**" کان وٺي "**ي**" تائين، جيڪي بہ توهان لفظ پڙهيا آهن انهن مان جيڪي بہ لفظ ياد آهن اُهي هِن پني تي لکو. هِن سرگرمي ڪرڻ لاءِ اُستاد شاگردن کي 10 منٽ ڏيندو.

## سرگرمي :

**هيٺ ڏنل حروفِ تهجي (الف کان ي) تائين جا گُتل اکر خالي خانن ۾ لکو:**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ا | ب | | | |
| ٽ | ٿ | | | |
| | | | ڄ | ڇ |
| | | خ | | |
| ڏ | | | ذ | ر |
| | | | ش | |
| ض | ط | | | غ |
| ف | | | ڪ | ک |
| | | | ڳ | ل |
| م | | ڻ | | |
| | ي | | | |

# كليدي لفظ هيءَ، هو، آهي جو تعارف

### برين اسٽارمنگ:

استاد ٻارن کي چوندو تہ اڄ مان توهان کي ڪجهہ نون دوستن سان ملائيندس اُن کان پوءِ استاد ڪليدي لفظ جهڙوڪ: هيءَ، هو، آهي، آهن بورڊ تي لکندي ٻارن کي انهن ڪليدي لفظن کان متعارف ڪرائيندو.

### نوان لفظ:

استاد ڪليدي لفظ بورڊ تي لکندو ۽ وڏي آواز سان شاگردن کي اُهي لفظ پڙهائيندو اهڙا نوان ڪليدي لفظ هيٺ ڏجن ٿا هيءَ، هو، آهي آهن.

### ڪلاس روم جون سرگرميون:

**سرگرمي نمبر** 1:

استاد شاگردن کي ڪليدي لفظن جا فليش ڪارڊز ڏيندي کين هدايت ڪندو تہ ڪلاس جي اڳيان اچي زور سان ڏنل لفظ پڙهن ۽ استاد اِن ڳالهہ کي يقيني بڻائيندو تہ هر ٻار کي شامل ڪيو وڃي. ٻار فوٽو ميمري (Photo memory) تحت ڪليدي لفظن کي ذهن نشين ڪندا. ( استاد تيستائين مختلف سرگرميون ڪرائيندو يا ورجائيندو رهندو جيستائين ٻار ڏنل ڪليدي لفظن کي سمجهي ۽ سڃاڻي وٺن)

**سرگرمي نمبر** 2:

استاد ڪجهہ شين جون تصويرون ۽ ڪليدي لفظ جا فليش ڪارڊز ٽيبل تي رکندو، اُن کان پوءِ استاد ٻارن کي جوڙن ۾ گهُرائيندو ۽ چوندو تہ فليش ڪارڊ جي مدد سان جملو ٺاهيو .

جهڙوڪ

**هي**  **آهي**

### پڙهڻ:

استاد ڪليدي لفظ بورڊ تي لکندو پوءِ شاگردن کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهائيندو، هِن طريقي تحت استاد پهريان 3 دفعا پاڻ پڙهندو ۽ پوءِ 2 دفعا شاگرد استاد سان گڏ پڙهندا.

### لکڻ:


استاد بورڊ تي هڪ ڪليدي لفظ کي ٽوڙي لکندو، جهڙوڪ هہ +ي = هي پوءِ شاگردن کي اُن لفظ کي ٽوڙي ۽ جوڙڻ جي مشق ڪرائيندو. ايئن استاد سيني ڪليدي لفظن جي مشق بورڊ تي ڪرائيندو ۽ واري واري سان هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهُرائيندو ۽ کيس چوندو تہ هو الڳ الڳ ڏنل لفظ کي مڪمل ڪن ۽ لکڻ جي مشق لاءِ استاد هيٺ ڏنل ورڪ شيٽ تي بہ ڪم ڪرائيندو


ورڪ شيٽ هيٺ ڏجي ٿي.


| | | |
|---|---|---|
| هہ +ي = هي | آ + هہ +ي = آهي | هہ + و = هو |
| هہ +ي = | آ + هہ +ي = | هہ + و = |
| هہ +ي | آ + هہ +ي = | هہ + و = |
| هہ +ي | آ + هہ +ي = | هہ + و = |
| هہ +ي | آ + هہ +ي = | هہ + و = |

اُن کان پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل سمورا لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## جائزو







استاد ڪجهہ شين جون تصويرون بورڊ تي لڳائيندو. جهڙوڪ ٻلي، گهوڙو، گُل ۽ اُن کان پوءِ هر هڪ شاگرد کي بورڊ تي گهرائيندو ۽ چوندو تہ اُن تصوير کي ڏسي ۽ انهن کي ڪليدي لفظن جي مدد سان جملو ٺاهيو. اِهڙي طرح استاد هر ٻار کي اِها سرگرمي ڪرائڻ جو موقعو ڏيندو.

**Sindh Education Foundation**
Government of Sindh
House # 21-A, Block 7 / 8 ,Overseas Cooperative Housing Society,
Ameer Khusro Road, Karachi. Ph : 021-341691411-5
021-34305753-4 , 021 - 34301460-3, Fax: 021 - 34169181
E-mail : info@ Sef. Org.pk Webside : www.sef.org.pk